ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا



پدم شرما



اِشاعت جو ٻٽيهون سال

Sahit ain Kala ji RACHNA
Editor : Lakhmi Khilani

ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا-١٢٧

ايڊيٽر : لکمي کلاڻي
في انڪ : ٢٠ رپيا

Price Rs. 20/=
Annual Subscription Rs. 100/=
Life Subscription Rs. 1000/=

Year-32 ٣٢ : سال

Vol-127 ١٢٧ : اَنڪ

(July - Sept. 2010)

جولاءِ - سپٽمبر ٢٠١٠

ٻارت کان ٻاهر :
٥٠ يو. ايس. ڊالر

ٻاران : اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205
Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org



سلسلو

موجود آهي. هن کان پوءِ چوطرف اوندھہ ٿي اونده چانئجڻ واري آهي. (After me the deluge!)

پنهنجو ذائقو بدلڻ لاءِ جي ڪنهن سڀا سوسائٽيءَ کي خطاب ڪرڻ لاءِ هو ڪڏهن هيٺ لهي ايندو تہ مائيڪ تي سندس راڳ 'مان-مان' جو آلاپ چالو ٿي ويندو : 'مون ويھہ سال اڳ پنهنجي مقالي ۾ اهي ساڳيا ويچار پيش ڪيا هئا ..... هن کان بهتر ناٽڪ تہ مون پنهنجي ڪاليج جي زماني ۾ اسٽيج تي آندا ...... هن راڳ ۾ نہ سُر آهي، نہ تال، جڏهن مان جوانيءَ ۾ ڳائيندو هوس ....'

آڪاش مان هيٺ لهي آيل، پنهنجي ماضيءَ ۾ جيئندڙ، هن مهان شخص جي اها 'مان - مان' سندس ڪنن کي ڪويل جي مڌر لات ڀاسجندي آهي، پر ناظرين لاءِ بيزار ڪندڙ ٻيهڙي 'ڪان - ڪان' يا 'ٺان -ٺان' هوندي آهي. شاھہ صاحب حقي واجبي، اهڙن شخص جي صحبت کان پرهيز ڪرڻ جي اسان کي صلاح ڏني آهي.

'آئون' 'آسين' ڪن جي، پاسي تِن مَ اڏا'

انسان جي اندر هن خوديءَ واري نفي ورتيءَ سان گڏ خودداري، آتم سنمان (Self Respect) واري شفي ورتي بہ موجود آهي. اُها ڪيس ايتري پياري آهي جو اُن مٿان هو پنهنجي جان نِڇاور ڪرڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويندو آهي. وات ويندي ڪي غُنڊا بدمعاش سندس ماءُ، ڀيڻ، زال سان بدفضيلتي نموني پيش ايندا آهن تہ هن جي اندر جي غيرت ڀڙڪي اُٿندي آهي. هو مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. ساڳيءَ طرح سندس پنهنجي ديس، ڌرم، جاتي يا ٻوليءَ بابت ڪو ڏاريو بدشد ڳالهائي ڪيس بيعزتو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تڏهن بہ سندس ساڳيو ردعمل هوندو آهي. انسان جي اها ضربجندڙ خودداري يا مان- مرتبو سندس انتر آتما يا شڌ وجود (Pure being) جو اُهڃاڻ


خودي (Ego) ۽ خودداري (Human Dignity)

ڪين مائيندا من ۾، خودي ۽ خدا
ٻن ترارن جاءِ، ناهه هڪ مياڻ ۾

خودي معنيٰ اهم، آپو، اهنڪار، گهمنڊ، تڪبر، گيرب، هٺ وڏائي، جنهن مان ماڻهوءَ اندر خود ثنائي يا آتم رتي (Narcissism) جو ڀاوُ پيدا ٿيندو آهي.

خوديءَ جي اها ورتي، رُخ يا لاڙو شخص کي پنهنجي وڏ ماڻهپي جو احساس ڪرائيندو آهي. نالي، ناڻي، علم، عقل، نسل، خاندان، ڊگرين، خطابن جهڙين تمام دنيوي حاصلاتن سبب اُن شخص اَندر ايترو تہ بانور پيدا ٿيندو آهي جو هو پاڻ کي دنيا جي هڪ وڏي وٿ محسوس ڪرڻ لڳندو آهي. هو هر حال ۾ پاڻ کي اونچ ٻين کي نيچ، پاڻ کي سياڻو ٻين کي اَياڻو، پاڻ کي صحيح ٻين کي غلط هئڻ جي خوشفهمي پاليندي ڏاڍا ٻڌي، مٿي اُڏامندو ويندو آهي. پنهنجي واتاورڻ کان ڪٽجندو، عوام کان پري ٿيندو، پنهنجي لاءِ هڪ ديوان خاص (Ivory Tower) خلقي، ريشم جي ڪينئين جيان پنهنجي چوٿرف بچاوَ جو ڪَوَچ (Cocoon) اُڏي، در تي ’نو اينٽري‘ جو بورڊ ٽنگي، پولار ۾ لٽڪندي، هو ذهني عياشي ماڻيندو آهي. ٻاهر جي حقير (Mundane) دنيا ۽ ڪولين ماڪوڙن جي وجود واري مخلوقات سان هاڻي هن جو ڪو سروڪار ڪونہ هوندو آهي.

هن Egoist ۽ Self-centered جيوَ جي ذهن اندر چوويهہ ڪلاڪ هڪ ئي رڪارڊ وڄي ڪيس اهو يقين ڏياريندو رهندو آهي تہ ’دنيا جو گولو سندس مٿي تي ٽڪيل آهي. سڄ بہ هرروز سندس اِشاري تي ئي اُڀرندو ۽ لهندو آهي. سنسار جو وجود بہ تيستائين آهي جيستائين اُن ۾ هو



دوها/لڪشمڻ ڏُبي

-۱-

وڏي خوشيءَ جي ڳالهه جو مليو اَچي سبحانُ
ليڪن ڀُلجي ويو هُئو آڻڻ پنهنجو پاڻُ

مذهب جي چَڪيءَ ڪيو چوُر-چوُر انسان
اُڏهيءَ جي آڏو ڀلا ڇا گيتا - قران

جنت ۾ آيو جڏهن هڪ ڀُڪيو اِنسان
اچڻ ساڻ ڳولهڻ لڳو راشن جو دوڪان

هڪ ڏينهن ڀُلجي ويو مونکان دروازي جو بندُ
ٻجي - ٻجي آيو اندر ويچارو آنندُ

جئَن تہ خاڪ جي ڍير ۾ چنگاريءَ جو رازُ
مان پڻ مونسان ٿي سگهان ڪڏهن - ڪڏهن ناراض

گهور اَنڌيرو ٿي ويو ٻُجهيا ديپ تمامُ
مِلي ويو دنيا منجهان جَڏهن عشق جو نامُ

هيٺ ڪِريل هڪ صوف تي نيوٽن جو هو ڌيانُ
اُپ ڏي وڌندڙ وڻ سندو ڪٽي ڏنئين اَپيان

هڪ پاڳل هڪ سنت ۾ فقط ايترو ڀيدُ
هڪ سوامي آ غيب جو ٻئي لاءِ غيب هڪ قيدُ

پايل هِن يا ٻيڙيون متان ڀُڇين سرڪار
قيد ڪڏهن ڪان آهيان چونديءَ هيءَ جهنڪار

مان شيشو، منهنجو ٽٽڻ ساڌارڻ دستور
تون پٿر ٽُهئين تي وئين ڇا لاءِ چڪناچور

ڪڏهن نہ ڪنهنجي ٽوڙجنئہ تون آشا جي تار
متان اِها ئي هڪ هجي دؤلت ٽُهنوت، يار

آهي. انسان جي هردي اندر جيستائين اها لاٽ روشن آهي، هو هٽ جيئرو جاڳندو موجود آهي. جي اها لاٽ اُجهامي ويئي تہ پوءِ هو جيئرو هوندي بہ مڙدي مثل آهي.

خوددار انسان پنهنجي زندگيءَ جو هرڪو فيصلو پنهنجي آزاد اِڇا سان وٺيٿو. هو 'پاڻ لاءِ آزاد' (Pour soi) جيو آهي. 'پاڻ ۾ غلام' (En soi) جيو هڪ خريد فروخت جي ڪموڊٽي آهي، جنهن جي زندگيءَ جا فيصلا ٻيا وٺندا آهن ۽ ڪيس ڪٺپتلي بڻائي پيا نچائيندا آهن.

'مارئيءَ' جو ڪردار خودداريءَ جو هڪ بهترين مثال آهي. هوءَ عمر بادشاهہ جي آڇيل تمام لب لالچن کي ٺڪرائي پنهنجي آتم سنمان جو اعلان ٿي ڪري، 'ملڪ ماروءَ جي آهيان - جور نہ ٿيان جوءِ.' هيمون سنڌي جاتيءَ جو هڪ ٻيو اعليٰ ڪردار آهي. انگريزن جي آڇيل جيون دان کي ٺڪرائي، سوَ سور سختيون سهڻ بعد هو پنهنجي دوستن جا نالا ڪين نٿو ٻڌائي. پنهنجو ڪنڌ ڪپائڻ قبول ڪريٿو، پر هنن اڳيان پنهنجو ڪنڌ نٿو جهڪائي.

اڄ جي هن پوتڪوادي سنسار ۾ پاڻ لاءِ جيئندڙ خود غرض شخص جو وڏي ۾ وڏو 'ملهہ' پئسو آهي، جنهن لاءِ هو پنهنجو وويڪ، ضمير، خودداري وڪڻڻ ۾ ويرم نٿو ڪري. هن جي پنهنجي اِڇا شڪتي، فيصلو وٺڻ جي قوت، ۽ پنهنجي شرطن تي جيئڻ جي قابليت مري چُڪي آهي. پنهنجو ماڻهپو ميساري، پنهنجي شخصي مفادن لاءِ هو پنهنجي ڌيءَ پيڻ جو بہ سودو ڪري ٿو اَچي. هڪ وسڪي بوتل جي لالچ ۾ پنهنجي ديس جا ڳُجهہ وديسي سفارتخاني وٽ وڪڻي ٿو اَچي.

اَسانجا ڪيترائي سطحي قسم جا ليکڪ، ڪلاڪار، سماج شيوڪ بہ اڄ انعامن، سنمانن، خطابن جي لالچ ۾ پنهنجي خودداريءَ کي تلانجلي ڏيئي نظام جا چرڻ چمندا نظر اَچن ٿا. بقول ادل سومرو ؛

توکي جو تحفو مليو سرڪار کان
سو ڪوي، تنهنجي خوديءَ (خودداريءَ) جهڙو نہ هوا

آهي ڪيڏو نہ پلو دل ۾ پيهجي ويندو
غم اٿم شخص ادا، اهڙو پڻ مري ويندو

تون بہ ڪجھہ دير ۾ ٽڪجي-ٽٽي سمهي پوندين
منهنجي جذبات جو ساگر بہ سانت ٿي ويندو

منهنجي هن عشق جي توکي خبر پوڻ تائين
مونکي لڳي ٿو يار، منهنجو سڄ لهي ويندو

صدق هي؟ ماءُ جو اٿئي، تون سمجھہ، اي احمق
چاهہ ۽ چوچ وچان زهر جو ڏُڪ پي ويندو

تنهنجي اَچڻ جو پروسو اَچان اٿس ڏاڍو
ملڻ جي جاءِ تي، ڏسجنئي، وري - وري ويندو

زهر پياڪ ٿيڻ ۾ تہ دير لڳندي آ
اڄ نہ سياڻي سهي غمن سان ٿهي ويندو

جنهنکي ٽوڙڻ جي ڪئي ڪنهن بہ ڪانہ جريت آ
ڦل اهو ڏار تي ئي 'لڪشمڻ' سڙي ويندو

"Kavyam" Gandhari Gali, Kaziwada,
Junagadh - 362001 (Guj)

وڏي پئي هر گهڙي اوندهہ ڏيو پيو ڏگمگائي پيو
ٿڪلُ هر حوصلو پڻ هار سان ئي هٿ مِلائي پيو

هراسيل هر مسافر ۽ منجهيل، مايوس مانجهي آ
اَلا وچ سير ۾ ٻيڙي، توازن لڙکڙائي پيو

اَسانجي وقت جو هڪ نيڪ ماڻهو ڏس، ٿڪي ٽُٽجي
اکيون آليون کڻي هر بار قسمت آزمائي پيو

اَلائي ڇا ڏسي، سوچي اُمالڪ هڪ چرئي وانگر
گهڙي کن اڳ ٻڌائي پيو وري خود ئي مِٽائي پيو

ڏسي پوليسوارن کي سموري ڀيڙ غائب ٿي
فقط هڪڙو ضدي پاڳل اَچان پيو مار کائي پيو

گهڙِي - پرچي نيعت -فرصت هجي ها آدمي ۽ وٽ شل
اندر ۾ هڪ سچل صوفي هميشه راڳ ڳائي پيو

ماں غزل تو چواں، ٻڌي سگھندين؟
روح جي زخم کي ڏسي سگھندين؟

١. خواب پوکين تہ تو سُنا ليکن،
مند بن کئن فصل لُٽي سگھندين؟

٢. تي کرائي هوا اِهو احساس،
مون بنا تون گھڙِي نہ جي سگھندين.

٣. کجھہ کلونا نوان بہ آڻين ها،
ٻارڙن سان کٽي پُڄي سگھندين.

٤. بس شرافت جون تو کرين ڳالهيون،
چوٽ هيءَ کونہ تون کَٽي سگھندين.

٥. آسمان تي رهڻ لڳو آهين،
هيٺ ڌرتيءَ تي ڪِٽ هلي سگھندين.

٦. جهنگ کن تا عجيب اَرڏايون،
سڀ ڏسي پڻ نہ کجھہ چئي سگھندين.

٧. شهر ۾ هاٽي هلُ هليو کي ڏينهن،
هنر هر قسم جا سِکي سگھندين.

٨. حرفتون جيب ۾ رکي چَڏ سڀُ،
لوهہ هوندي بہ سونُ ٿي سگھندين.

New A-14/134,
Bairagrah,
Bhopal - 462030



غزل/ڪيمن مولاڻي

-١-

سوُنهن ڪي دل ڏسڻ جي لءِ هرڪي،
اک وڃي آرسيءَ ۾ ٿي اٽڪي.

١. دشمني پاڙي هوُ ٽڪو هوُندو،
دوستيءَ ڪاڻ ٿو تڏهن تڙڦي.

٢. واٽُ ٽُنهنجو تہ آ برابر، پر
ڀول ٿو ڪنهن ڀئي جا اڄ ڀولي.

٣. اُس، ڪڏهن ساڻ چاندني آهي،
ماڳ تي پير ڪٿ بہ ٿو پهچي.

٤. آد ڪان ڦُر هوا جي جارِي آ،
ٿو سر - عام گل نئون لُٽجي.

٥. هٿ ۾ گدرا بہ ٿو ڪٽڻ چاهي،
ڳالھ ننڍڙي بہ ڪونہ ٿو سمجهي.

٦. ڇو آلائي ڪڪر ڇڙيو اَڄ آ،
هيل تائين آجايو پيو وقلي.

٧. ڇپ تڙيا تنهنجا، لڙڪ ڪي ڏسندي،
من هليو منهنجو ڪيترو پرتي.

٨. ڪيڏي سُسِ پُسِ گهٽيءَ ڪئي ويئي،
جي ڏسين ها گهڙِي دري ڪولي.

٩. نيٺ مجبوُر حالتن ڪان ٿيو،
ٿو وڏي واڪ سان نڳي وڪٽي.

١٠. اُس اگڻ ۾ رهي گهڙي ڪن لءِ،
ڏينهن سارو هِتي هتي ٻڪي.

دوھا/ڪنعيو شاديجا

١. قرض وڏو هڪ مرض آ، تنهن کان رهجي دورُ
اندر ٽٽي تو کوکلو، همت چڪناچور

٢. پوڇيو هڪ ڀڳوان کي، رکي سچو وشواس
شرڌا ۽ ڀڳتي جتي، تِنِ جا ڏُکڙا ناس

٣. پاڻي اُٿپورو مِلي، اُجڙي ويندو باغ
جيون کي اُجلو رکو، متان نہ رهجي داغ

٤. ڀلي اکين آهي پري، دل کان ناهي دورُ
اهڙي ڪا تند تار آ، ٽٽي نہ سگهندي موڙ

٥. غربت ۾ ميلاپ آ، ڏن تہ ڏکيندو دورُ
جڳ جي اهڙي ريت آ، مطلب سان ڀرپورُ

٦. قدرت واري جي اَڳيان، ماڻهو آ لاچار
ڏِسندي ڏسندي هوُ اَچي، ڪري وڃي ٿو وارُ

٧. دم جي بازُن ۾ اَٽڪي، اڳيان وڏي ڏيکار
لهرن جي سامهون وڃي، ڪر مشڪل کي پار

٨. جهڙي کي تهڙو ملي، آهہ اِهائي ريت
ڏهي مِلي جي ڪانوَ کي، ٽٽي پريت جي جيت

٩. آشائن جي ڍير تي، جيئي ٿو اِنسان
لوڀا موهہ جي راهہ تي، ڀٽڪي ٿو نادان



غزل/ديوي ناگراڻي

١. سُرهاڻ گُل سدا پيو ڏي، خوشبو نٽي کُٽي
دل کي بہ سمجهہ ۾ ادا هيءَ جي اَچي وڃي

٢. پنهنجي سلامتيءَ کي جوکم ۾ پيو وجهي
آليءَ پِٽ جي اوٽ ۾ ور ور وڃيو بهي.

٣. چورن جي گهر ۾ نٽُ ڪوئي جيڪر اَچي رهي
ديوي گناه جو تڏهن ازخود پيو قد وڌي

٤. سامهون رهي ٿو منهنجي هو مونکان ٿي بي خبر
اُن نامراد کي ئي وِساري جي دل چڏي

٥. ڪنواري جا سينڌ سوچ جي آهي اُنهيءَ کي
شبدن سان کو اديب سنواري وري چڏي

٦. پروانا ڪيڏا خاڪ ٿيا، جاڻي نٽي اُها
هيءَ شمع کي يقين ڏئاري ڪوئي سگهي

٧. ديوي جُهڪي ٿو ڪوڙ جي سامهون وري بہ سَچُ
سِر شرم سان اُتي بہ پيو اِنسان جو جُهڪي

9-D, Corner View Society,
15/33, Road Bandra (West)
Mumbai-400050

جلاوطن وارث

ماڻ
سنڌ جي ريت جو هڪ ذرڙو آهيان
سنڌ جي هوا ۾ سمايل ڪو اڌوررو سُر
موئن جي دڙي جي ڪا پڳل پُريل سِرَ آهيان
نوريءَ جي مزار تي ڇِريل ڪينجهر جي ڪکر جو لُڙڪ
سنڌ جي ميرانجهڙي آڪاس جي اُداسي
شاهه جي سورمين جي مايوسي
سنڌ جي تواريخ جو ڪو ڦاٽل ورق
مڪليءَ ۾ دفن وقت جو
بي نام لمحو آهيان
ماڻ
سنڌ جي ڪاري هوا ۾ لڪل لوڻ
واريءَ ۾ سمايل آلاڻ
تارين کان ٽٽل پنُ آهيان
جيڪو پٽڪي رهيو آهي هيڏانهن هوڏانهن
سيني کي خبر آهي
ماڻ سنڌ جي ڪجهه به ڪانه آهيان
پر
ماڻ هڪ سنڌي، ماڻ هڪ سنڌي
ماڻ
سنڌ جي جلاوطن وارث آهيان



ڪوتا/رشمي راماڻي

ملاقات

الله سان ملڻ چاهيو
پر
مسجد ۾ ته ڪوئي ڪونه هو
ايشور کي ڳولهڻو هو
پر
مندر جو در بند پيو هو
مان
نراس ٿي ويس.

اوچتو
پنهنجي آس پاس نهاريو
نظر آيا
ڪجهه ننڍڙا، نوان سونهارا سلا
ڦهريون پيرو جنِ ڏنو هو سنسار کي.

هوا هلي
ڪجهه گُل ٽڙيا
پپل جي پنن تاڙيون وڄايون
فِضا ۾ سمائجي ويا
اَزلي سنگيت جا سُرَ ۽
روحاني سُرهاڻ.

مٽي ڏنو
آسمان ۾ هو خُدائي نوُر ئي نوُرُ
روشني بيشمار .
اَڄن ڪارن ۾ نظر آيا
ڀڳوان جا پير.

صبوح جو سُپنو

سالن جي اَٿڪ ڪوشش کان پوءِ
هڪ رات
مونکي آئي گهري ننڊ.

گهري ننڊ!
يعني گهاٽي اونده
سڪون جا وزندار ڪکر
راحت جي رِمِ جهِمِ ڦُڙ ڦُڙ.

ڏيري - ڏيري
بند اکين جي ڍنڍ ۾
ترڻ لڳا سُپنا
صبوح ڏانهن سِرڪندڙ رات جي
پوين گهڙين ۾
مون ڏِٺو هڪ عجيب سُپنو
دُنيا جي ڪيترن ٻارن جي هٿن ۾ هُئا
الڳ - الڳ
مُلڪن جا نقشا
پرسان پيون هيون ڪئنچيون
سڀ نقشا ڪٽي
ٻارن ٺاهي ورتيون رنگ - برنگي جهنڊيون
نقشن جي ڏنگين - ڦڏين ليڪن جي دنيا کان
ڪيتري خوبصورت ۽ سِڌي سَرل هئي
جهنڊين جي دُنيا
منهنجي اک کُلي ويئي
سُپنو ته پورو ٿي ويو
پر
مونکي ائين لڳي رهيو آهي
صبوح جا سُپنا
اڪثر سچ ٿيندا ته آهن.

83, Survodyanagar,
Indore (MP)

منهنجو وجود

جنهن ڏينهن
نہ هونديس مان
تڏهن بہ
منهنجا لکيل اکر تہ هوندا
ڪويتائون بہ هونديون

چنڊ کي نهاريندڙ چڪور پکي هوندا
سج ڏانهن مُنهن ڪري مُرڪندڙ
سورج مکيءَ جا گل بہ هوندا

پيار جي سُرهاڻ هوندي
سُڪل گلن ۽ پيلن پنن ۾
الماريءَ ۾ بند
پُراڻين چٺين کي پڙهندي
مزو ايندو جنهن نئين آڪاٽيءَ جو
مونکي ياد ڪندي
اگر ڪڏهن بيچيني ٿيئي
تہ
هٿ لڳائجانءِ منهنجي ڪتابن کي
۽
محسوس ڪجانءِ
منهنجي دل جي ڌڙڪن کي

تہ لاچار ٿي پنهنجي سنگتياڻي اُس کي
سنجها جي ساڙهيءَ ۾ لپيٽي
ترڪي ويو، چپ چاپ.

رهيا تارا،
اُنهنکي تہ خبر هئي
تہ ڌرتيءَ جا ماڻهو پاڳ ئي،
چمڪڻ چمڪائڻ ۾ محو آهن
سو آرام سان اَکيون راند ڪري رهيا آهن
ڪوئي آڪاش گنگا سان،
تہ ڪوئي روهڻيءَ سان *
تہ ڪوئي وري آوارا پڇڪندڙ حسين روح سان!

۽ هيڏو آڪاش!
سڀ ڪجهہ ڏسي وينو
خاموش درشڪ ٿيو!

هلو کڻو قلم، کڻو ڪئميرا،
تہ هلي داستان-عشق جي -
ويڊيو فلم ٺاهي اَچون
(بلو فلم؟)

* نکشتر جو نالو

ڪويتا/ رتن آڏتاڻي

فلم

ويچاري چنڊ ڪي،
چانديءَ سان عشق فرمائڻ لاءِ
بدنام ڪيائون ايترو جو........
جو هن ڪي هارٽ اٽئڪ اَچي ويو

ويچاري ڪي دل ته چا -
ساري باڊي ئي بدلائڻي پئي!
ڪي ماڻهو ڏسي به آيا
تصديق ڪيائون ته برابر -
شيشي جي دِلِ وڌي اٿائنوس.
ويچاري چانڊني!
ڪيئن ڪري رومانس اُن سان هاڻي،
جنهنجي دل ئي شيشي جي هجي؟
ڌرتيءَ تي لهي اَچڻ ۾ هونءَ ته هرج ڪونهي
پر ڊنڪي پئي آهه ڪِٽ 'گئينگ - ريپ' نه ٿئي!

سچ ويچاري جو ڏوهه ڪونه هو
پر سڀڪو ڏينهن سندسِ عشق جي تجلن کان تنگ ٿي،
ماڻهن ڪيس گاريون ڏنيون ته ....

تصويرون/لکمي کلاٽي



١. کير جهڙيون اَڇيون
سرور جي سطح تي ترندڙ
بدڪون زيبائتيون

٢. ڪنڊن وارو ڪئڪٽس
۽ ڏنگو ڦڏو اشٽ وکڙ
ڪيڏي سونهن وٽس!

٣. ڄُهور ٻڍو وڻ
ٽاريون ننگيون نستيون
ڪهاڙي جي هڻ ڪُڻ

٤. روشن چهرو باک
حسن لاثاني پُرسکون
مشڪ پيري ٿي ساک

٥. طبيعت آهه عليل
وعدو نه پاڙي سگهڻ جو
کهڙو ڏيانءُ دليل

٦. شاه سچل سامي
جاڳايو سُتل سِنڌ کي
هٿي ڪا سئن مدامي

٧. اڄ اهڙو ڪوسو واءُ
ور ور ٿو سڏي مونکي
پهائڙا موٽي آءُ!

٨. مذهب منهنجو محبت
پيار ونڊيان سڀ سان
ناهي ڪنهن سان ڪلفت

٩. ڪيڏو هت ڪوڙ ڪپٽ
دنيا جي پاڪنڊپڻي آهه
چچريو هيءُ پوپٽ

١٠.ڪچري جو ڍير
ڦهلائي ٿو بدبوءِ چوڌاري
هن کي هٽائيندو ڪير؟

١١.ڪُتيءُ ڄڻيا گلڙا
ڏائي ٻُبا ماءُ جا
اجهو ٿيا وڏڙا

١٢.رکي پاڻکي پوشيده
نويکلائي جي فڪر ۾
ٿي وئين پيچيده

١٣.چڊ ماڻهپي جو ڪُٽُ
بڻجي ٻار ننڍو تون
حياتي ماڻي وٽ

١٤.ڪنهن ڪونه سُڃاتو
ملهه مون پانهنجو آخر
آ پاڻ ئي ڄاتو

6, Maleer, Ward 4-A
Adipur - 370205

ملياسين!

پاڪر تہ وڏا پريائون پئي
۽ چرچا بہ ڪيائون زماني ڀر جي!
قسبڙ هئا قربن جا
پنهنجائپ جا
ليڪن —
لڪايا سهني زخم
آخر تائين
جسم جا ۽ روح جا.
ايتري قدر جو،
ڳُڌ باءَ جي سرحد تي پهچڻ تي بہ
ٻاهر نہ آيو ڪوئي بہ
پنهنجي پنهنجي ادرشيہ ليڪن فولادي
بختر مان.
تہ بہ چون ٿا ۽ ملياسين
دلوجان سان ملياسين!

Opp: Nagbai Temple,
Near. T.V. Station,
Gandhigram-Junagadh



غزل/نارو سي. گرناڻي

-۱-

جهلي هٿ نهاري، وهاري ڇڏين ٿو،
ڪئين ڳالهيون پُٺِ پُٺِ ۾، اک سان ڇئين ٿو.


پرولي پڇڻ ايڏي مشڪل ته ڪانهي،
ڏسان ويني تون، ڏانءُ ڪيڏو رکين ٿو.

عجب ريتيون رسمون، غضب رمز تنهنجي،
جڏهن پي سڀ ڏينهن، گهر ۾ ڀڄين ٿو.

هوائون لڳن ٿيون ٿڌيون سونهن واريون،
بهانو ڪري ڪئن نه، پاڪر پرين ٿو.

اڪيلو آ گهرُ ۽ اڪيلي فضا هيءَ،
هينئر آيو آهين، هينئر ئي وڃين ٿو.

نه يارن ٻمان ليکو، نه پنهنجن سان رغبت،
اَلائي وري ڇا تي 'نارو' رُسين ٿو.



آزاد نظم/وليرام ڪشناڻي

گيرب

مَها ٻَلي ڪَنس
ڀانيو
ڪرشن ۽ ٻَلرام
ٻُچا ٻالڪ
ڇيڳلا ڇورا!
شَڪتي شالي راوَڻ
رام ۽ لَڇمڻ کي
گهر کان ڌِڪاڻيل، ڀِڏڙڪا ڇَنا ڇورا
ٻنهي اَهنڪارين کي ڪاپاري ڌَڪُ
ڳَگ نِبري وِيا
تَہ بِہ ڳائِجي پيو
’اِڪ لَک پُٽرا
سوا لَک ناتي!!
تان کي گهر ۾
ڊِيا نَہ باتي!!!

), Maleer,
dipur (Kutch) - 370205



هِڪ سِٽا / گيتا بندراڻي

١. واپس وريا بڪايل جلسي تان ڏوَ جو ڊونگ ڪري.

٢. ڏلم ٽُٻڪا، پريم سُڏڪا.

٣. منزل پسجي ٿي پاس، جڏهن تون ويجهو اَچين ٿو.

٤. مُنهنجو جواب ڇا هوندو اِن تان سُوال لهيا آهِنِ.

٥. پڻُ آهيان شُڪلُ پر ڪيئن وساريان ساوڪ.

٦. ڏينهن آهي جوڀن تي، وڻي ٿي اُس بِہ هاڻِ.

٧. ڏينهن اُڀري ٿو نِشا جا نِشان ڳولهي.

٨. شُڪ تڏهن هُئا جڏهن اُنهن جي معنيٰ جي ڪل ڪانہ هُئي.

٩. ڏُک ڏاڪڙا سنم لتاڙيل شخص جِيان.

14, Anuchhaya,
Juhu Lane,
Andheri (W),
Mumbai 400058

پيار وڏايون، قرب وڏايون،
ديش کي پنهنجي سُرڳ بڻايون.

مهان منهنجي ڀارت ڀومي،
سچ جو تا پيغام سُڻايون.

سوچ سمجهه تعليم وڏائي،
ڳوٺُ ڳوٺُ شهرُ سجايون.

اُٿڻ وهڻ جو ڏانءُ سکون جي،
پاڻ کي جيڪر ڪين پڏايون.

آمرت ويلي ڀريو سمرڻ،
گيان ڌيان ۾ پاڻ لڳايون.

هوا هلي ٿي کهڙي ’ڻارو‘
ڇا توکي ويهي سمجهايون؟

39, Ashray Bunglows,
Near Indra Bridge circle
Hansol, Ahmedabad -382375

هلچل کان پري، بلڪل پري، پنهنجن ئي خيالن ۾ گم ڪشنيءَ تي وڃي پيئي. ساڙهي هلڪي سلڪي سِلڪ جي گلن واري، ٻانهن ۾ هڪ پاسي هلڪي ڪنگڻي ۽ ٻئي پاسي واچ. ڳلي ۾ هلڪي سون جي چين، پري کان هوءَ سجائي نہ سگهي تہ ڪنن ۾ هيرن جون ڪٽيون هيون، سون جون ڦليون يا وري نقلي ٽاپس.

گوَري سوچ ۾ پئجي ويئي. هن جي سامهون ڍهين هزارين واري ساڙهي، هيرن سان جهنجهيل، سوا لک جي لوڏ سان لڏندڙ ڪشنيءَ جو چهرو گُهمي ويو جا ڪڏهن ڪنهن کي پاڻ جهڙو نہ سمجهندي هئي. اڄيون وقت هجي ها تہ ڪشني لکن جي لوڏ سان، جوهريءَ جي دڪان جيان سجيل، اِسٽيج جي ويجهو ڪشور ۽ ڪنڪا سان گڏ، ڪلهو ڪلهي سان ملائي اڳري تي جئڪارو هڻندي نظر اَچي ها. پر اَڄ؟ اَڄ هوءَ پنهنجن ئي غمن ۾ غلطان آهي. تنهنجي معنيٰ ڪئليفورنيا ۾، ڪوشيءَ بابت جا خبر هن ٻڌي هئي، سا سچ پچ سوَ سيڪڙو سچي هئي. لڪشميءَ جن وڏين وڏين ڪمپنين جي مالڪن ۽ ڏنڌن ڏارين وارن کان منهن موڙيو هو، ڪشنيءَ جي گهوٽ جو ڏنڌو بہ اُنهن مان هڪ هو. ۽ لڪشميءَ جي موت ڪشنيءَ جي چهري ۽ شرير تي پنهنجي اَمٽ ڇاپ ڇڏي ويئي هئي.

’هان وٺ هيءَ وٺو، ڪپڙا مٽائي ڇڏ‘. هن ڪنڌ ڪٽي پهريون پيرو ڪشنيءَ کي ڏٺو هو. هوءَ هٿ ۾ پيلي سٽين جي ڊريس کڻي هن جي سامهون بيٺي هئي. هڪ ڪمري ۽ رنڌڻي وارو ننڍو گهر ۽ سو بہ شاديءَ جوا گوَري منجهي ويئي. پيءُ جو وڏو شاهي بلڊنگ وارو فليٽ ڇڏي، گٽيش جي پياريءَ ڏور ۾ ٻڌجي هوءَ هتي اَچي پهتي هئي. پيارن اُمنگن جا جي گل هن جي تن بدن ۾ نڙيل هئا تن فليٽ ۽ بئرڪ جو سنڌو ئي ميٽي ڇڏيو هو.

هن جو پيءُ ڊاڪٽر سترامداس سنڌ مان اَچڻ کان پوءِ پهرين تہ



ڪهاڻي/مايا راهي

مهنگي مُرڪ

'ماتا راني تيري جئہ جئہ ڪار، اَنبي راني تيري جئہ جئہ ڪار' ماتا جي چونڪيءَ ۾ ماتا جي جئہ جئہ ڪار ٿي رهي هئي جڏهن گُوريءَ هال ۾ قدم رکيو. چوڌاري جڻ تہ شادمانو لڳل هو. هال چڱو ڏگهو هو. سامهون وڏي شان سان اَنبي ماتا جي مورتي سورهن سينگارن سان نندڙيءَ اِسٽيج تي براجمان هئي. سندس اڳيان ڦلن ڦولن ۽ مٺاين جا ڍير لڳا پيا هئا. ڳائڻا جوش سان ڳائي رهيا هئا. 'سڀ مِل بولو، جئہ ماتا دي، ساري بولو جئہ ماتا دي'. اَڳيان اَڳيان وڏي عمر جون نندڙيون لڳندڙ زالون جهومي جهومي 'جئہ ماتا دي' جو جئڪارو لڳائي رهيون هيون. گُوري هڪ پاسي ڀت سان لڳل ڪوچ تي اَهڙي نموني ٿي ويٺي، جتان هن کي سموري هال جو نظارو نظر اَچي رهيو هو. وچينءَ عمر واريون هڪ ٻئي جي ڪپڙي لٽي، ٻُٽ ڳهڻي کي ڏسڻ ۽ پرکڻ ۾ مشغول هيون. جوانڙيون پنهنجيءَ ئي لوڏ ۾ پوريون، هال جي آخر ۾، مکيہ در وٽ ٻالڪن ۽ ٻالڪين جي هنبوڇي هئي، سڄي هال جو نظارو اَکين ۾ سمائي گُوري سڃاڻپ وارين کي ڳولهڻ شروع ڪيو.

ڌرتيءَ تي وڇايل گدين تي طول وهاڻي ۽ ريشمي چڪلين کي ٽيڪ ڏيئي ويٺل عورتن جي مٿن مٿان هن جي نظر ٽپندي، ڪنهن نئين نموني جي وارن جي بناوت يا وري ڪنهن چمڪندڙ وارن جي پنين، بڪلن تي ڪن پر لاءِ ترسي، ٽپاسي اَڳتي وڌي، سامهون واري ڀت سان لڳل ڪوچن تي ويٺل، ماتا جي ڏنيءَ کان بيخبر، هال جي

بيٺل ڏسي ڪشنيءَ هٿ ۾ جهليل هن جو راتوڪو وڳو، در وٽ ڦٽي ڪيو ۽ تڪڙي ڀڄي ويئي. ڳوريءَ در وٽ ڪِريل وڳو کنيو ۽ ڳولهي ڦولهي، ٽنن جي ڪلڻ جو سبب ڳولهڻ لڳي. ۽ جهٽ هن کي سبب ملي ويو. پيليءَ سلوار تي ٻاڙها ڇِٽا چمڪي رهيا هئا! هوءَ مُنجهي پيئي ڪجهہ سمجهي نہ سگهي پر ڪشنيءَ جي اِها هلت رشتي ۾ هميشه هميشه لاءِ اَهڙي هڪ دوري پيدا ڪري ويئي جو هيترن سالن جو گذريل سمو بہ اُن کي مٽائي نہ سگهيو.

ڳوري ڪڏهن بہ دل کولي ڪشنيءَ سان مِلي نہ سگهي هئي ۽ ڪشني بہ هر وقت پاڻ کي ’وڏي نراڻ‘ ۽ هن کي ’ننڍي ڀاڄائي‘ سمجهي اُهي پد قائم ڪندي، هن کي نيچو نوائي هلڻ لاءِ مجبور ڪندي رهندي هئي. هن جو گهوٽ انڪم ٽئڪس آفيسر هو، دارونءَ جا ڍُڪ پيئندو ۽ پيئاريندو هو. محفلون سجائيندو هو. گڻيش، ڳوريءَ جو گهوٽ، هو هڪ رواجي ڪلارڪ ۽ ڳوري پرائيمري اسڪول ۾ ٻارن کي پاڙهڻ واري ماسترياڻي!

ڏڻ وار تي آيل مال متاين مان نڪ موڙي، وِڏون ڪڍي آيل ڏِڻ کي گهٽ ڏيکاري ڳوريءَ کي لڄي يا شرمندو ڪرڻ ۾ هوءَ ڪڏهن پٺتي نہ پئي. هن جا موڙا مُچڪا ڏسي ڳوريءَ من ۾ ئي هن جو نالو نڪ موڙي رکي ڇڏيو هو. اُها نڪ موڙي اَڄ موڙا مُچڪا وساري هينئن هڪ ڪنڊ وٺي ويٺي آهي. ڳوريءَ کي ڏسي سُنو نہ لڳو. ماڻهو کهڙو بہ هجي پر رشتن جو آدر ڪرڻ هن پنهنجي ڪٽنب مان سکيو هو. هن کي ڇهہ پُڦيون ۽ ٽي چاچا هئا، ۽ هن ڏٺو هو تہ هن جي ماءُ ڪيئن نہ پيار ۽ آدر سان هر رشتو نڀايو هو. ڪشني گڻيش جي وڏي ڀيڻ هئي، ۽ ڪشور اُن کان بہ وڏو ڀاءُ. ڪشور جي پوٽي جي ڇٽيءَ جي ماتا جي چونڪي باسيل هئي. ٻن ڏينهن کان گڻيش چونڪيءَ جي تيارين ۾ ڪشور ۽ ڪنڪا سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي تيارين ۾ لڳل هو. صبح

هند جا گهڻا ئي شهر گهميو پر نيٺ نڪاٽو اچي سنڌونگر ۾ ڪيائين. جاتل سڃاتل سنڌين ۾ پرئڪٽس ڪري ناڻو ڪمائي پڻ ٺانئيڪا ڪيا هئائين. ننڍيءَ ڌيءَ گوريءَ کي جو لاڏ ڪوڏ سان پاليو هئائين، تنهن گڻيش سان لائون لهي هن جي سپنن کي چڪناچور ڪري ڇڏيو هو. پر ڌيءَ جي خوشيءَ خاطر هن اِهو رشتو قبوليو هو.

شاديءَ تي آيل مِٽ مائٽ، اوڙي پاڙي ۾ هِت هُت، هِن ھُن جي گهر وڃي آرامي ٿيا، پر ڪي ڇڙا ڇانڊ، ٻئرڪ ٻاهران ڪٿون وڃهي سُمهيا. اَڌ رات جو اُنهن اُٿي در پيٽڻ شروع ڪيا. 'آڙي جلدي ڪريو، دروازو کوليو، برسات ۾ پُسي وياسين.'

ٻر ۾ وينل زال هن کي ٿونٺ هنئين. هن جي خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. ٻر واريءَ اِستريءَ هن اَڳيان چانديءَ جي ٿالهي وڌائي. ٿالهيءَ ۾ چانديءَ جي وڏن ڪٽورن ۾ مني مصري، لونگ ۽ ننڍا ساوا ڦوٽا پيل هئا. ڳائڻ وارن جو گلو تر ڪرڻ لاءِ. هن هٿ وڌائي هڪ ڦوٽو ۽ ٻه چار مصريءَ جا ننڍڙا چوڪنڊا ٽڪر کڻي وات ۾ وڌا. هن، اُن عورت ڏانهن چتائي نهاريو. سڃاڻي نہ سگهي. شايد سندس ڏير ڪشور جي ساهري مائٽياڻي هئي يا وري سندس ڏيراڻيءَ ڪنڪا جي ڪا ساهيڙي. گوريءَ مرڪي هن جي مهرباني مڃي ۽ ٿالهي وٺي اَڳتي وينل عورتن مان ڪنهن هڪ کي ڏني.

صبوح جو ڪشني هن کي سنان لاءِ باٿ روم ۾ وٺي ويئي. 'وڃو لاهي در ٻاهران ڪٽي رک اَندر آلو ٿي ويندو.' راتوڪي گهٽنائن هن جي سپنن سندس پريل مٽ ۾ هڪ وڏو سوراخ ڪري ڇڏيو هو ۽ هوءَ ڪجهہ بي آرامي هئي. هن نٿي چاتو تہ هن جا منا سُپنا هيترو جلدي چڪناچور ٿي ويندا. سنان ڪري ٻاهر نڪتي تہ باٿ روم ٻاهران ڪشنيءَ کي چئن زالن سان بيٺل ڏٺائين. چارئي هٿ ۾ ڪجهہ ڏسي نهہ نهہ - ڪري کِلي رهيون هيون. گوريءَ کي باٿ روم جي در وٽ

سوکڙيون ۽ سُڪو ميوو ڪشنيءَ لاءِ ڪٽي ويئي هئي. ڪشنيءَ ٿيلهي ولي، کولي ڏني، ۽ ٻه ٽي شيون ڪڍي ڏنائين ۽ واپس ٿيلهيءَ ۾ وجهي ٿيلهي ڪٽي جو ڦٽي ڪيائين ته ٿيلهيءَ جو سمورو سامان، ڪمري ۾ پکڙجي ويو. فولڊنگ ڇٽي ته هڪ پاسي ته لپ اسٽڪ ۽ ڪريم جي شيشي ڪمري جي ٻن ڪُنڊن ۾ وڃي پهتيون، ويچارا هلڪا پستا ۽ ڳوَريون باداميون به پنهنجي وزن سارو ٻين شين سان ڊوڙ ۾ شامل ٿيون. گوَري مٺي نور ۽ ڳوَري دل سان هڪ هڪ پستو بادامي ۽ ٽڙيل پکڙيل پيار سان آنڊل، اَپمانت ٿي ڏرتيءَ تي پکڙيل سامان ڪٽي واپس ٿيلهيءَ ۾ وڌو هو. خبر ناهي ڪشنيءَ جي هن سامان ۾ اک نه ٻڌي هئي يا هن کي ڪي خاص اُميدون هيون.

۽ اَڄ ٻٽي کي هٿ ڏيئي، جُهڪي ويل ڪشنيءَ کي ڏسي دل جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ هن کي هڪ پل لاءِ ٿوري خوشي ٿي پر پنهنجين پاوناڻن جي هر وقت ساڪشتڪار گوَريءَ ساوڌان ٿي پاڻ کي چينيو، ’ڇي! هيءَ ڇا سوچي رهي آهيان مان؟ نڪ موڙي هينئن ڪنڌ جهڪائي ويٺل ڇا وٽي ٿي؟‘ نڪ مُڙيءَ جو موڙو گوَريءَ کي ڀحرين ڇِڙَ ڏيندو هو، پوءِ آهستي آهستي، هيءَ اُن کي نظر انداز ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ هن کي پيار ايندو هو هن نڪ مُڙيءَ جي موڙي تي! نڪ مُڙي اُنهن اِنسانن مان هئي جي ساريرڪ طور ڀل ٻارن مان وڏي جوان ۽ بزرگ ٿين، پر مانسڪ طور اُهي ٻار ئي رهجي ويندا آهن.

آهستي آهستي ڀڄنن جو ٽيمپو وڌڻ لڳو. عورتون موج ۾ اَچي جهومڻ لڳيون. طول وهاڻا ۽ چڪليون هڪ پاسي ٿي ويون، مدهوش ٿي نچڻ واريون، هڪ ٻئي کي هٿ کان ڇڪي نچڻ لاءِ وٺي ٿي ويون. در وٽ هنبوڇي هٽندڙ ٻار، جوان ۽ جوانڙيون به ميدان ۾ ڪِهڙي پيون.

گوَري به اُٿي آهستي آهستي ڪشنيءَ جي ڀر ۾ وڃي ويٺي.

’ڪيئن آهيو ديدي؟‘

جو ئي ڍير ساريون منايون، ڦل، ڦول ڪٽي ڳڻيش هال ۾ پهچي ويو هو ۽ ڳوري آرام سان اَچي پهتي هئي. ڪشنيءَ جي گهوٽ نوڪريءَ وقت ئي ڪن دوستن سان ڳڏجي ڪي ڌنڌا ڪيا هئا. ڌنڌا وڌيا ته نوڪريءَ جي پگهار ۾ اَک نه ٻُڏي ۽ هن نوڪري ڇڏي ڏني. اَڄ اُهي پائيوار ۽ اُهي ڌنڌا هن کي ٻوڙي، قرض جي مهاڄار ۾ اَنڪائي گم ٿي ويا.

هن ٻُڌو هو ته دارونءَ جا ڍُنگ ۽ موج مستيءَ جون محفلون اَڄ به اڳ تي هيون. اُن لاءِ ڪشني، ڏيئن، ٻُٽن، پائرن پينرن مٽن مائٽن کان، پني ڇِني، وِڙهي جهڙي پورت ڪري رهي آهي. اوچتو هن جي من ۾ ڪو خيال آيو. هن ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن جي پرس ۾ هن وقت گهڻا پئسا هوندا. ڏهن هزارن جي ٿيپي ته هر وقت هن جي پرس ۾ هوندي آهي وقت نا وقت لاءِ.

هن کي ياد آيو ته مسڪين ماسترياڻي هوندي به هوءَ ڪنهن وقت هڪ ڏهين جو نوٽ لڪائي پرس ۾ رکندي هئي. اَهڙي ئي ڪنهن وقت نا وقت لاءِ ’نڪي جي ماسترياڻي‘ (ڪشنيءَ جو هن کي ڏنل لقب هو) ۽ هڪ ڪلارڪ ملي محنت سان ٻارن کي فرش تان عرش تي پهچايو. اَڄ هن جو اَنيل ڪئليفورنيا ۾ ڊاڪٽر آهي ۽ اُميش انجنيئرا ٿورا ئي ڏينهن ٿيا آهن هن کي ڪئليفورنيا مان آئي ۽ اڄ هاڻ هن جي پرس ۾ ڏهن هزارن جي ٿيپيءَ کان سواءِ ٻيا به ڪجهه هزار ته نڪري ايندا.

ڪشني ۽ ڳڻيش جي وچ ۾ کهڙي ڏيتي ليتي ڏڻ وار، هولي ڏياري رکڙي وغيره هلندي هئي اِها ڄاڻڻ جي هن ڪڏهن نه ڪوشش ڪئي هئي ۽ نه چاه ئي ورتو هو. ٻارن جي ٻاهر وڃڻ کان پوءِ هن هڪ ٻه ڀيرو آندل شين مان هن کي ڪجهه سوکڙيون ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر اُن وقت ڪشني ستين آسمان تي هئي تنهن جي اَک نه ٻُڏندي هئي، ڳوريءَ جي آندل سوکڙين ۾. ڳوريءَ کي اڄ به ياد آهي ته ڦهريون ڀيرو جڏهن هوءَ ٻاهران پٽن وٽان ٿي آئي هئي ته ڳڻيش جي چوڻ تي ڪجهه



مِني ڪهاڻي/ گھنشيام ساگر

پياري جيجل ٻولي

هڪ گهري صدمي سبب خاموش ۽ اَڪيلو ويٺل مُنهنجي اکين ۾ آيل آنسن ڪان ڪيس سڀ ڪجھ ڌنڌلو پئي نظر آيو، ۽ اُن وقت ڪيس اِن اڻچٽائيءَ اندر پياري جيجل جو مايوس چهرو نظر اَچڻ لڳو. گويا هوءَ ڪنهن پُراڻي لباس ۾ ڪمزور ۽ بيمار روپ ۾ گونگا ڳوڙها ڳاڙي رهي هئي، جو تہ هن کي ٻڌايو ويو هو تہ هوءَ هينئر وڏيڪ وقت جيئي ڪانہ سگهندي، جو هوءَ ڪنهن نگري بيماريءَ جو شڪار ٿي آهي. سندس وجود هن صفحہ هستيءَ تان هميشه لاءِ مِٽجي وڃڻ وارو آهي. هُنڙو پنهنجو آئيندو ٻڌي هوءَ جڻ لڪوي گرست ٿي چڪي هئي. هن جي سامهون ويٺل هن جو پيارو پُٽ وڌيڪ مايوس ٿي ويو، جڏهن هن ڏٺو تہ هوءَ ويچاري هن جي سامهون مشڪڻ جي ڪوشش ڪندي بہ جڻ اُن اَڏرنگ سبب ڪامياب نہ ويئي. هُنڙي دردناڪ روئداد ڏسي هو ويچارو پاڻ ڪان توڙي آسپاس ڪان بي خبر مسلسل سڏڪا ڀريندي روئڻ لڳو. روئندو رهيو.

۽ اَچانڪ ڪنهن سندس پنيان ڪُلهي تي هٿ رکيو. آٿت جو ڇهاءُ محسوس ڪندي هن ڪنڌ ورائي ڏٺو. هڪ مرڪندڙ مِترَ جو درشن ٿيس.

’چوا ايڏو چو ٿو روئين؟ ڏينهن جو اَهڙو کهڙو دردناڪ سپنو ڏٺو اَٿيئي.‘ همدردانہ نوع ۾ متر کي ٻڌندي مُن وري هڪ سڏڪو ڀريو ۽ آلين اکين سان متر جي اکين ۾ نهاريندي وراڻي ڏني، ’منهنجي

’ٺيڪ آهيان‘. رُکو سُڪو جواب هميشه وانگر.

گُوريءَ محسوس ڪيو ته چهري تي جي مُرڪ نه هئي ته نڪ جو موڙ و به گهٽ ۾ گهٽ ڪونه نظر آيو.

’ڪڏهن موٽي آهين؟‘

’اَڄُ ئي ته دير سان هئس پر ماتا جي چونڪيءَ ڪري هفتو سويل ئي نڪري آيس.‘ گوُري عجب ڳاڙ خوشيءَ وچان مرڪي جواب ڏنو. عجب لڳو هن کي اِهو ڏسي ته ديديءَ اڄ هن کان سوال پڇيو هو سڌو سادو بنا نڪ موڙي جي.

ڪشنيءَ جو ڌيان نه نچندڙ اِسترين، ٻارن ۽ جوانڙين ۾ هو ۽ نه ٻچن ۾. هن ته سُرَ سان سُرُ ملائي نه ته ٻچن تي ڳايو ۽ نه وري لئه ۽ تال سان تاڙي پٽي وڄائي.

گوُريءَ آهستي سان پرس ۾ هٿ وجهي نوٽن جي ٿهيءَ کي رومال ۾ ويڙهي ٻاهر ڪڍي آهستي سان ڪشنيءَ کان سندس پرس گُهريو. ڪشنيءَ هن جي مُنهن ۾ ڏٺو ۽ هٿ وارو رومال ڏسي، پرس کڻي گوُريءَ جي حوالي ڪيو.

ناچ کان پوءِ آرتي ۽ رات جو کاڌو، ماڻهن جو هڪ ٻئي سان ملڻ مِلائڻ، چوڌاري آنند جي ڌارا وهي رهي هئي.

گوُريءَ گڻيش سان گڏ ڪار ۾ ويهڻ لاءِ ڪار جو اڳيون در کوليو ته پٺيان ڪشور جو آواز ٻڌائين ’هل ته توکي گهر ڇڏيندو تو هلان.‘

هن ڪنڌ ورائي پٺيان ڏٺو، ڪشور ڪشنيءَ کي ڇڏي رهيو هو. ڪشنيءَ جي چهري تي مهنگي مُرڪ ڏسي گوُري به مُرڪي وڃي ڪار ۾ ويٺي.

A-1/601, Happy Valley,
Near Tikunjini Wadi, Chitalsar,
Manpada, Thane (W) 400610

وڪيل صاحب

ڪورٽ جي بار ڪائونسل جي آفيس ۾ ڪيترائي وڪيل گڏ ٿيا آهن ۽ گرما گرم بحث هلي رهيو آهي. بحث جو وشيہ آهي تہ وڪيلن تي سماج واسطي ڪيتري جوابداري آهي. وڪيل کي ڏوهيءَ کي سزا ڏياري سماج سڌارڪ جو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي يا وري پنهنجي مالڪ (اصيل) کي سزا ملڻ کان بچائي پنهنجي وڪيلي فرض جو پالن ڪرڻ گهرجي.

ديوان ڪرمچند شهر جو مشهور ۽ وڏي تجربي وارو وڪيل آهي، سو پڻ هن بحث ۾ شامل آهي ۽ سڀني وڪيلن جا دليل ڌيان سان ٻڌي رهيو آهي. الڳ الڳ وڪيلن جا الڳ الڳ دليل آهن. جڏهن بحث ۾ ڪجهہ بہ نرڻيہ ٿيندو نظر نہ ٿو اچي، تڏهن سڀ وڪيل ديوان ڪرمچند ڏانهن ڏسن ٿا ۽ بار ڪائونسل جو جهونو ۽ تجربيڪار وڪيل هئڻ جي ناتي ڪيس پنهنجو رايو پيش ڪرڻ لاءِ وينتي ڪن ٿا.

ديوان ڪرمچند هن گنڀير وشيہ تي پنهنجو ويچار پيش ڪندي هن ريت چوي ٿو، 'اصيل اسانجو مالڪ آهي جنهن اسان کي مقرر ڪيو آهي. ان حالت ۾ اسان جي وجود جو ڪارڻ بہ اسانجو اصيل ئي آهي؛ جنهن جا اسين عيوضي ٿي ڪم ڪريون ٿا. عيوضي ڪڏهن بہ پنهنجي مالڪ جي خلاف نہ وڃي سگهندو ۽ پنهنجي مالڪ جي سيوا ڪرڻ ۾ ئي هن جو ڌرم آهي. انڪري اسانجو فرض آهي تہ پنهنجي سموري قابليت جو زور لڳائي هن کي سزا ملڻ کان بچايون.'

چوڌاري تاڙيون وڄڻ لڳيون ۽ ديوان ڪرمچند جو اِهو ويچار يڪراءِ بحال ڪيو ويو.

مني ۽ ماءُ، منهنجي مِنڙي ۽ جيجل مونکي جمڻ مهل کان ئي پنهنجي لولي ڏني هئي ۽ هميشه هن اُها ساڳي ئي لولي ڏيندي ڏيندي مونکي کلڻ سيکاريو، روئڻ سيکاريو ڳالهائڻ سيکاريو. پنهنجي هڪ هڪ اُپي - آڏي ليکِ سيکاري، اَلڳ اَلڳ نيڪا سيکاريا. پنهنجي مٺڙ لهجي ۾ هن مون سان واعدو ڪيو هو تہ 'مان توسان سدائين سائي هونديس. هن جنم ۾ ڇا پر ستن جنمن تائين تنهنجي ئي جيجل ٿي رهنديس'. ۽ هاڻي ....' مون وري هڪ گهرو شڏڪو پريو ۽ گلي مان گويا زوري ۽ اکر ڪڍندي سِسِڪندي چوڻ لڳو، 'دوست، هاڻي هڏو اَتم .... هي ۽ پياري جيجل ستن جنمن تائين تہ ڇا پر هن جنم ۾ ئي مونکان جدا ٿيڻ واري آهي. هنجي هستي نيست و نابود ٿيڻ واري آهي، سو بہ جلد. بس! مان هن کان وڇڙجي ويندس هميشه هميشه لاءِ! مونکي لڳي ٿو مان وري مون جو، مِنڙي ۽ جيجل جو نہ ڪو لهجو ٻڌندس؛ نہ هنجو چهرو ڏسي سگهندس ۽ نہ ئي سندس لباس کي ڏسي سگهندس. لڳيم ٿو تہ مان اَهڙو يتيم ٿي پوندس، جو منهنجي اصلوڪي سڃاڻپ گم ٿي ويندي هميشه هميشه لاءِ!'

B - 97,
Kubernagar -Ahmedabad - 382340




برک پترڪار ۽ سماج شيوڪ شري رتن ڏيواڻي
(جنم ۱۲-۱-۱۹۱۲ع) جي ديهانت (۳۰-٦-۲۰۱۰)

۽



'هير' ۽ 'هلچل' جو سمپادڪ شري اَجيت ڪشور
(جنم ۲٦-۱۱-۱۹۳۷) جي ديهانت (۲-۸-۲۰۱۰)
تي اَسين سندن ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي ساهتڪ جڳت سان هن غم ۾ همشريڪ آهيون.
سنڌالاجي پريوار



پدم شرما

پورو نالو : پدم ديودت شرما

جنم : ٧ جنوري ١٩٣٤

جنم آستان : حيدرآباد سنڌ

تعليم : ايم.اي.، بي. ايڊ.، ايل. ايل. بي. (پريويس)
ساهتيه رتن

پيشو : آئڊيشنل ڪمشنر آف پوليس جي عهدي تان
انڊين پوليس سروس مان رٽائرڊ

ڇپيل ڪتاب : سنڌي :

١. رحيم راجستاني (٨ ڪهاڻيون-١٩٨٩)

٢. روشنيءَ جو سوداگر (٧ ڪهاڻيون-١٩٩٦)

٣. هماليه جي سرحد تي (٢٠٠٣)

٤. ٿر جي رڻ پٽ ۾ (پريس ۾)

هندي :

١. ڪشنچند بيوس (١٩٨٥)

انگريزي :

١. هماچل پرديش (١٩٨٠)

٢. آتنڪواد تي ڪتاب (٢٠٠٣)

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ديوان صاحب جي گهر ڪي چور گهڙي آيا ۽ ديوان صاحب جي غير موجودگيءَ ۾ هن جو سمورو مال ملڪيت، نقدي ۽ سون چاندي وغيره سڀ چوري ڪري کڻي ويا.

ديوان ڪرمچند ناميارو وڪيل هو. سندس پهچ پوليس کاتي ۾ ڪمشنر صاحب تائين هئي. انڪري پوليس ڏينهن رات هڪ ڪري چور کي پڪڙي ورتو ۽ سمورو چوري ٿيل مال آڻي ديوان صاحب کي ڏنو.

ديوان صاحب خوش ته ٿيو ليڪن پوليس ٿاڻي وڃي ان چور کي ڏسڻ ٿي چاهيو جنهن ايڏي همت ڪري سندس گهر جي چوري ڪئي هئي. پوليس انسپيڪٽر جڏهن ڪيس حوالات ۾ بند ٿيل چور جي سامهون آڇي بهاريو ته ديوان صاحب جا طاق ئي لڳي ويا. اڙيءَ هي ته ساڳيو ئي شخص هو جنهن کي هن ٻه سال اڳ جيل وڃڻ کان بچايو هو. ديوان صاحب جي زبان مان ازخود نڪري ويو، 'اڙي ميان تون! توکي ته مون ڪيس لڙي جيل وڃڻ کان بچايو هو، ۽ تو ئي اچي منهنجو گهر صاف ڪيو. توکي ته منهنجو شڪرگذار هئڻ گهرجي!'

تڏهن حوالات ۾ بند ٿيل چور مشڪندي چيو، 'حضور، اوهان مون کي جيل وڃڻ کان بچايو سو ته صحيح آهي، ليڪن مون به ته اوهان جي محنتاڻي جي سموري رقم پائيءَ پائيءَ سوڌي ادا ڪئي هئي. ته پوءِ ان ۾ شڪرگذاري جا جي؟ توهان وانگر هيءَ به ته منهنجو ڌنڌو آهي!'

ديوان صاحب حيرت مان چور ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ ڪيس محسوس ٿيو ته ان ڏينهن هن جيڪو بار ڪائونسل جي آفيس ۾ رايو پيش ڪيو هو سو غلط هو، گنهگار کي سزا ته اوس ملڻ گهرجي.

F. H/202, Scheme 54, Vijai Nagar,
INDORE - 452010

ساميءَ جا سلوڪ - هڪ نظر

سنڌي ساهتيہ جي تمورتيءَ ۾ سامي چئنراءِ لُنڊ خاص جڳهہ والاري ٿو. سندس ڪاويہ سلوڪن ۾ لکيو ويو آهي. سلوڪ سنسڪرت جو ڇند آهي. سنسڪرت ۾ پورڻ ڇندن ۾ لکيل پهريون پستڪ رگ ويد آهي، جنهن جي ڇند کي رچا ऋचा چئجي ٿو. ڇندن جو پهريون پستڪ پنگل شاستر آهي جو عيسوي سن جي ٻين صديءَ کان اڳ پنگل رشيءَ لکيو هو. سنڌي ادب ۾ نظمي رچنائون فارسي علم عروض جي اُصولن تي لکيون ويون هيون. سامي سنسڪرت ۽ ويدانت جو ودوان هو. هن سنسڪرت جي ڇند سلوڪ ۾ پنهنجون رچنائون لکيون.

گيتا بہ سلوڪن ۾ لکي وئي آهي، پر گيتا جي سلوڪن جي ماترائن ۽ ورڻن جي بيهڪ ساميءَ جي سلوڪن کان علحدي آهي. سنسڪرت ودوان وي. ايس. آپٽي اَنوسار سلوڪ جا گهٽيئي قسم آهن پر جيڪو گهڻي واهپي ۾ رهيو آهي اُن ۾ چار چرڻ ٿين ٿا ۽ هڪ هڪ چرڻ ۾ اَٺ ماترائون ٿين. پنجين چرڻ جي آخر ۾ ننڍي ماترا लघु - short syllable ۽ ڇهين چرڻ جي آخر ۾ وڏي ماترا गुरु - long syllable ٿئي. ساميءَ پنهنجي سلوڪن جو 'سنڌيڪرڻ' ڪيو آهي. هن جي هڪ هڪ سلوڪ ۾ اڪثر اَٺ چرڻ آهن. پهرئين چرڻ جي آخر ۾ 'گرو' long syllable آهي باقي ٻين چرڻن جي آخر ۾ ڪٿي 'گرو' آهي تہ ڪٿي 'لگهو'. سنسڪرت ۾ ڪاليداس جي پستڪ 'رگهونش' ۾ هڪ هڪ چرڻ ۾ اَٺ ماترائون آهن. گيتا جي سلوڪن ۾ الڳ ماترائون آهن.

انکانسواءِ :

- گھڻين ٽي مخزنن ۾ ڪھاڻيون، ٻال ڪھاڻيون ۽ مقالا ڇپيل
- ٽي. وي. پروگرام ’سمير‘ (هندي) لاءِ ١٠٥ ايپيسوڊ لکيل ۽ ٽي. وي.ءَ تي آيل (١٩٩٢-١٩٩٥)
- ايشيا ٽي.وي. لاءِ ٧٩ ايپيسوڊ لکيل ۽ فلمايل (١٩٩٦-١٩٩٧)

سنمان ۽ اِنعام :

* C. H. D. طرفان ’رحيم راجستاني‘ ڪتاب تي ٥٠٠٠ رپيا اِنعام
* N. C. P. S. L. طرفان ’روشنيءَ جو سوداگر‘ تي ١٥٠٠٠ رپيه ١٩٩٩ ۾ اِنعام
* راشٽرپتيءَ طرفان پوليس ڪاتي ۾ ويرتا ۽ سورهيائيءَ جو ١٩٨٦ ۾ ميڊل عطا ۽ ان ميڊل سان واسطو رکندڙ ٻيون به ڪيئي سرڪاري سهوليتون حاصل ٿيس.
* راشٽرپتيءَ طرفان ميريٽوريس سروس جوميڊل ڪنن سيوا ميڊل ۽ جيتي ميڊل عطا ٿيل.
* انکانسواءِ ڪيترائي انعام ۽ سنمان جدا جدا سرڪاري، غير سرڪاري سنستائن طرفان مليل

سرنامو :

C - 602, Indralok,
opp Lokhandwala Police Chowki,
Andheri (West),
Mumbai - 400053
M: 9323721496, MTNL : 2636383

سامي ۽ جي سلوڪن ۾ ڪٿي ڪٿي اَڻ چرڻن بدران ڇهه چرڻ آهن، جيئن ته

گهر ۾ رامُ رهي، مورک ڦولهي ڏهه دسا،
جپ تپ ساڌن جوڳ ۾، سامي ديهه دهي،
ناحقُ ڏک سهي، ٿو پٽي ڏيئي پاڻ کي. (چئپٽر مورک)

منهنجي مت اَنوسار مول روپ ۾ اِهي سلوڪ به اَڻ چرڻن وارا هوندا. پر جيئن ته سامي پنهنجا سلوڪ ڪاغذ جي ٽڪري تي لکي مٽڪي ۾ وجهندا هئا ته وقت جي رفتار سانگي اُنهن سلوڪن جو ڪجهه حصو ڳري ويو هوندو يا ڦاٽي پيو هوندو. پوءِ به سلوڪ گڏ ڪري سهيڙيندڙن کي شاباس هجي جو هنن اُنهن ڇهن چرڻن وارن سلوڪن کي به جوڳي جاءِ ڏني آهي.

پنهنجي سوچ ۽ خيال کي ڪٿي ڪٿي سامي ۽ سلوڪن ۾ اَڻ چرڻن بدران وڌيڪ چرڻ پيش ڪيا آهن. شاعر جي آتما ۾ تڙپ آهي ته جيڪو هن جي من اَندر آواز اُٿي ٿو، هو اُن کي پورو آڪري روپ ڏيئي پيش ڪري. سنت ڪوي ڇندن جا محتاج نه آهن. هو پنهنجي آتما جي آواز جا محتاج آهن. نظم اُنهن جو ساڌن آهي، ساڌيه نه آهي. سلوڪ اُنهن جو ساڌن آهي اِن ڪري ڪٿي سورهن يا اُن کان وڌيڪ چرڻن (مصراعن) وارا سلوڪ سرجيا اَٿن. مثال طور:

اَڻ هوندي بازي، بازيگر بر حال ڪئي،
ڪاٿي پير فقير اَمير ٿيو، ڪاٿي شيخ مُلان قاضي،
ڪاٿي گرو گسائين گيان وان، ڪاٿي حج ڪري حاجي،
ڪاٿي راجا پرجا چوڌري، ڪاٿي مِهتو ميانجي،
ڪاٿي سوربير داتار ٿيو، ڪاٿي منت موٿاجي،
ڪاٿي چور چغل نٽ مِسخرو، ڪاٿي پنڊ ڪٽي پاجي،
ڪاٿي ڳلتيءَ ليکي ڏک ۾، ڪاٿي رضا ۾ راضي،
سامي جنهن ساجي، سو ساکي پٽ پار ٿي.
(چئپٽر ايشور مهما (اَلف)

ساميءَ جي سلوڪن ۾ ماترائن جو حساب نہ آهي. ڪٿي ١٨ ماترائون آهن تہ ڪٿي ٢٠، ڪٿي ٢٢، ڪٿي ٢٤. مثال طور ’مايا‘ جي چئپٽر جي پهرئين پهرئين سلوڪ کي ڏسجي تہ

اَڻ هوندي بازي، تنهنجي ڪري سڌِ ٿي
ڪَلِپت جي ڪلنڪ سان، سامي تو ساجي

مٿي سلوڪ جي پهرئين چرڻ ۾ ١٠ ماترائون آهن ۽ ٻئين چرڻ ۾ ١٣ ماترائون. ٻئين بند جي پهرئين چرڻ ۾ ١٢ ماترائون ۽ ٻئين چرڻ ۾ ١٠ ماترائون آهن.

مان هتي صاف ڪرڻ چاهيان ٿو تہ ساميءَ جا سلوڪ ماترائن جا محتاج نہ آهن. شاہ صاحب جي رسالي جي بيتن کي مرزا قليچ بيگ ’جهنگلي شعر‘ چيو هو. پوءِ ودوانن اَڀياس ڪري ثابت ڪيو تہ شاہ صاحب جي شعر ۾ ماترائن جو حساب تہ هو چاڪاڻ تہ شاہ صاحب جا بيت ڪلاسيڪل راڳ ۽ راڳڻين جي آڌار تي رچيا ويا هئا. ساڳي ڪسوٽيءَ تي مان چوندس تہ ساميءَ جا سلوڪ ڳائڻ يا سُر سان چوڻ لاءِ رچيا ويا آهن. جيتوڻيڪ اُنهن کي سلوڪ چيو ويو آهي پر ساميءَ سلوڪن جو ’سنديڪرڻ‘ ڪيو آهي، اِن ڪري سنسڪرت جي سلوڪن جي ’لگهو‘ (SHORT SYLLABLE) ۽ ’گرو‘ (LONG SYLLABLE) جو حساب بہ نہ رکيو ويو آهي. تنهن هوندي بہ ساميءَ جي سلوڪن ۾ سُرَ، گائڪيءَ جي لحاظ کان گهڻي ڀاڱي چرڻن جي آخر ۾ ’گروءَ‘ کي مان ڏنو ويو آهي. مثال طور

اَمولڪ آهي، مانڪُ ديهي دپ رتن،
ڪنيو ڪوڙ ڪلر ۾، ٿو مورک ملائي،
اَمرت جڏي هٽ مون، ورسي وک ڪائي،
منهن مڙهيءَ پائي، سامي ڏسي ڪينڪي. (چئپٽر مورک)

هتي پهرئين، ٽئين، چوٿين، پنجين، ڇهين، ستين ۽ اَٺين چرڻ جي اَنت (آخرت) ۾ گرو آهي.

كوڙين ڪروڙي، ٻِرُ مِنائي ساڌ ٿيا،
سيتل رهي سُپاءُ ۾، ٻانيڻ کو ٻوڙي،
جنهن ملي ساڌ سنگ سان، سُرت نرت سوڌي،
ويري وروڙي، ڪنهن جو ٿئي ڪينڪي.

ڪروڙين ڪروڙي ماڻهو به ٻِرَ جا وار ڪوڙائي ساڌن جو ڏيک ڪري وينا پر سامي ۽ جو ستگرو براهمڻ مينگهراج سڀاءَ جو نرمل ۽ ٿڌو هو ۽ گيان ڏيڻ وارو هو، ڇاڪاڻ ته هن ساڌن جي سنگت ۾ ويهي ڪري سرت ۽ نرت جو اڀياسو سوڌي ڪري پڪو ڪيو. هاڻي سوال اُٿي ٿو ته سرت ۽ نرت ڇا آهن؟

سرت سنسڪرت جي شُرتي يعني ڪَنُ يا ٻڌڻ جي شڪتي آهي. نرت ڏسڻ جي شڪتي آهي. ڪُل مالڪ وٽان، مالڪ جي درگاهه مان هڪ ڌُن (آواز) اَچي رهي آهي جنهن کي سنتن شبد چيو آهي - اَڪت ڪٿا، آڪاس واڻي، اَنحدناد، صوفي مهاتمائن اُن کي ڪلما-اي-اِلاهي، بانگي آسماني، فارسي مهاتمائن اُن کي 'سردشا' چيو آهي، عيسائي مهاتمائن اُن شبد کي ميوزڪ آف سفيئرس MUSIC OF SPHERES ۽ ورڊ WORD چيو آهي. گرو نانڪ ديو به اُن کي شبد چيو آهي. شبد شاهه رڳ ذريعي مٿين منڊلن تائين پهچي ٿو. شاهه رڳ کي ويدانت وارن سُشمنا ناڙي چيو آهي. ايشور مهما واري چئپٽر ۾ سامي چوي ٿو ته اُهو سچڻ ڪُل مالڪ شاهه رڳ جي نزديڪ آهي :

شاهه رڳ کون نزديڪ، سڄڻ اَٿي اوڏڙو،
ڪَڏي غير اَندر مون، ڪري ڏس تحقيق،
ناحق ڪُڙڪ ۾ ڪيڪ، سامي ڇئي سمجهه ري.
(ايشور مهما اَلف)

صوفي سنتن شاهه رڳ کي جبل-ال-وَريد به چيو آهي. اَسانجي پُٺيءَ ۾ ٽي خاص وڏيون نسون آهن جن کي گنگا، جمنا، سرسوتي به

سامي سنسڪرت ۽ ويدانت جو ودوان هو. ويدانت ۽ تصوف ۾ گهڻي سمانتا آهي. ويدانت ڇا آهي؟ ويدانت ٻن اکرن جو مرڪب آهي - ويد+انت = يعني ويدن جي پڇاڙي.

ويدن جي پڇاڙيءَ ۾ پراڻ لکيا ويا آهن. پراڻن ۾ ئي ويدانت جي وياکيا ڪئي ويئي. ڪل ارڙهن پراڻ آهن - وشڻو پراڻ، پدم پراڻ، برهم پراڻ، شِو پراڻ، ڀاڳوت پراڻ، نارد پراڻ، مارڪنديه پراڻ، اگني پراڻ، برهم وئورت پراڻ، لنگ پراڻ، واراه پراڻ، سڪند پراڻ، وامن پراڻ، ڪورم پراڻ، متسيه پراڻ، گرڙ پراڻ، برهمانڊ پراڻ ۽ ڀوشيه پراڻ. شوِ پراڻ جي چئپٽر اُما سنهتا ۾ موڪيه ڇا آهي ۽ اُن لاءِ جيون ۾ ڪهڙو اڀياس ڪجي اُهو وستار سان سمجهايو ويو آهي. ساميءَ جو فلسفو شِوِ پراڻ جي تتو گيان ۽ درشن شاستر سان واسطو رکي ٿو. ساميءَ شُرت، نِرت، شاهه رڳ، شبد، ڌُنِ وغيره ڪيترن ويدانت جي نقطن جو ورڻن ڪيو آهي. اِنهن جو بيان پراڻن ۾ ڪيترن هنڌ گرو ۽ ششيه جي وارتالاپ ۾ ڪيو ويو آهي. ستسنگ مهما واري چئپٽر ۾ ۽ مايا ۽ هيٺ سلوڪن جي سرت باري ۾ ساميءَ اِشارو ڏنو آهي :-

پاري منجهه پاڻي، تيئن ساڪي ڏنو سڀ ۾،
وڃي سرت سروپ ۾، سامي سماڻي،
سنتن ساپرسن سان، موڄ ملي ماڻي،
جاڻائي جاڻي، سوڪم سنڌِ پرين جي.

(ستسنگ (ساڌ سنگت) مهما)

جهڙيءَ طرح پاري ۾ پاڻي تهڙيءَ طرح ست پرشن ڪُل مالڪ کي هرهڪ جيو ۾ ساکيات ڏٺو آهي. سامي چوي ٿو تہ اهڙن ست پرشن جي سُرت ڪل مالڪ جي سروپ ۾ سمائجي وڃي ٿي. ساميءَ سُرت سان گڏ نرت جو بہ ذڪر هرهنڌ ڪيو آهي ۽

ﮬﺌﻲ ھنڌ سامي چون ٿا سڄي خلق مايا، موھ ۽ ممتا ۾ اَنڌي ٿي پيئي آهي ۽ اُن ھرڻ وانگر مرگ ترشنا جي جل کي سچ سمجهي مايا موھ ۽ ممتا جي وھڪري ۾ وھي رھي آھي، ورلي ڪنھن گُرمک مالڪ جي ڪرپا سان ڪنارو ڳولهي ڪڍيو ۽ منهنجي گرو ھانيڻ مينگھراج ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موھ، اَھنڪار پنجن ئي وڪارن تي پورو قبضو ڪري ڇڏيو.

ڪئي خلق اَنڌي، مايا موھ، ممتا سان،
مرگ ترشنا جي جل ۾، وڃي سڀ وھندي،
ورلي ڪنھن گرمک لڌي، ڪرپا ساڻ ڪَنڌي،
ھانيڻ جنھن ھنڌي، پنج ئي ڪيا وَسِ پانھنجي.
(چئپٽر مايا)

اَلنڪار

سامي ۽ جي سلوڪن ۾ اَلنڪار پنھنجو پاڻيھي اَچي ويا آھن. ڪٿي بہ نٿو لڳي تہ سامي ڪوشش ڪري اَلنڪار لوڪي وڌا آھن. پنھنجي مقصد کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ چٽو ڪندي سھج نموني اَلنڪار اَچي ويا آھن.
اُن ۾ تجنيس حرفي (ALLITERATION) ڪيترن سلوڪن ۾ ڏيان ڇڪائي ٿي.

مورک گھڙي گھاٽ، کوھ نہ مانک ڏيھہ کي،
ملي وٽ محبوب سان، لائي لِنو للاٽ،
متان اَچي اوچتو، ھٽيئي ڪال چماٽ،
پوءِ نہ لھندين واٽ، سامي سم ديس جي.
(چئپٽر مورک)

ڪوٺيو ويو آهي اُن ۾ وچين نس شاهه رڳ آهي. اِهو لکڻ لازم آهي ته شاهه رڳ صرف اِنسانن ۾ ٿيندي ۽ جانورن ۾ نه ٿيندي آهي. حضرت سلطان باهوءَ پڻ چيو آهي ؛

شاهه رڳ ٿين نزديڪ اُهه رهندا،
يار نه مليا جاني هوُ،
نام فقيرا جنهان دا باهوُ
جيهڙي وسڻ لامڪاني هو.

'مورک' واري چئپٽر ۾ سامي صاحب ساڳي ڳالهه سمجهائي آهي ته هو ڪُلُ مالڪ شاهه رڳ جي نزديڪ آهي ۽ شاهه رڳ جي معرفت ئي ملندو ؛

مورک ميڙي ڪاڳر ڪوٽ ڪنا ڪيا،
سامي لوڀ لهر ٿيا، رهت بنان ريڙهي،
عاشق چڙهيا اَچ تي، ورق سڀ ويڙهي،
شاهه رڳ ڪون نيڙي، ستهه ڏسن سپرين.

شاهه رڳ جي تتو گيان جي مسافريءَ لاءِ ستگرو يا ڪامل - مرشد جي ضرورت آهي. سامي صاحب جو گرو ھانيڻ سوامي مينگھراج ھو. سامي پنهنجي سلوڪن ۾ ور ور اُن جو ذڪر ڪيو آهي ته اُن جو ڏنل گيان اَوديا ۽ اَندر جي دک کي دور ڪري ٿو. جيئن پاڻي باهه کي وسائي ٿو تيئن اَوديا جي باهه کي ڀسم ڪري آتم گيان جي سورج جو پرڪاش سپني ۾ ڏيکاري پڌرو ڪري ٿو ؛

وديا وجائي، اَوديا ڏُک اَندر جو،
جيئن پاڻي باهه کي، ھانيڻ ھجھائي،
سورج لڪائي، سڀ پدارٿ پڌرا.

(چئپٽر اَوديا)

هئي هند سامي ڪڙمي ۽ جي ٻيٽ ڪن ٿا تہ مالڪ جو پيارو هري جن روحاني اَڀياس ڪري ٻين سنساري ڪمن کان آجو ٿي وڃي ٿو، جهڙيءَ طرح هڪ ڪڙمي ٻوڪ پچائي اَنيو روٻي اَن حاصل ڪري نشچنت ٿي وڃي ٿو، تهڙيءَ طرح هري جن روحاني منڊلن جي چوڏيل تي چڙهي پنهنجي خودي وڃائي ٿو ۽

ورلو ڪو هرِ جن، ڪرم ڪري نهڪرم ٿيو،
چڙهي وينو چوڏول ۾، ميٽي سڀ منن،
جيئن ٻوڪ پچائي ڪڙمي، ڪڍي آنيئہ اَن،
ڪلپت ڪانو ٻنُ، ستي وجهي سامي چئي.
(چئپتر گرمک اَلف)

تشبيہ ۾ مشابهتن جي مالا جي روپ ۾ مالوپما मालोपमा نالي اَلنڪار مشهور آهي جنهن کي GARLAND OF SIMILES چئجي ٿو. ساڌو مهما ۾ ساميءَ يڌ جي ميدان ۾ هڪ ساڌوءَ کي وير ٻلوان وانگر مايا ۽ سنسن ۽ ڀرمن تي کاه ڪندي ڏيکاريو آهي. هو ٻيائيءَ جي فوجن کي ختم ڪري فتح جو نغارو وڄائي، روحاني چٽ مٿي تي جهولائي ٿو.

ڏڙ تان ٻرُ لاهي، ساڌو چڙهي سنگرام ۾
وڃي پئي ويساه سان، ڪلپ ري ڪاهي،
ماري دُوڏا دَلَ کي، نوبت وڄائي،
سامي جهلائي، اَنيئُہ چٽ - مٿي تي.

مٿي ساميءَ لڙائيءَ جي ميدان جي منظرڪشي ٻڻ پيش ڪئي

روپڪ METAPHOR اِستعارو

جتي اُپميہ (ٻيت جو مفهوم/مرڪز) ۽ اُپمان (جنهن سان ٻيت ڪئي وڃي) ٻنهي ۾ ٻنان ڀيد جي يڪسانيت ۽ سمان روپتا ڏيکاري وڃي اُتي روپڪ النڪار ٿئي ٿو. مثال منهن چندرما آهي تہ روپڪ

ستسنگ مهما ۾ سامي چون ٿا :

اُها پوٿي پڙهُ، جنهن سان لهين اَلک کي،
ملي ساڌ سنگت سان، چيتن چونکي چَڙهُ،
اَوديا منجهه نہ اَڙ، سمجهه ري سامي چئي.

مٿي پوٿي ۽ پڙهہ، ساڌ سنگت سان، چيتن چونکي چڙهہ، اَوديا ۽ اَڙ سمجهه ۽ سامي.

تجنيس حرفي ۾ هڪ حرف هڪ کان وڌيک دفعا ايندو آهي جيئن مٿي پ، س، چ، اَ ۽ س

تشبيهون

ڪوي پنهنجي ويچار کي وڌيک چٽو ۽ چمتڪاري نموني پيش ڪرڻ لاءِ تشبيه جو استعمال ڪري ٿو. پنهنجي اصلوڪي ويچار کي ٻي نسبت سان پيٽ ڪري ٿو. پيٽ ڪندي 'ظرف' ADVERB جو اِستعمال ٿئي ٿو - جيئن، وانگر، سمان، جهڙو وغيره. ستسنگ مهما ۾ سامي صاحب پرنگيءَ جو مثال ڏين ٿا تہ پرنگي هڪ ڪيڙي تي پورو لڳاتار ڪيترا ڏينهن ڏيان ڏيئي پاڻ جهڙو بڻائيندو. پرنگيءَ کي ڪِن ليکڪن DRAGON FLY بہ چيو آهي :

ساڌوءَ سنگ ويو، اَوديا سنسو جيءَ جو،
جيئن پرنگيءَ ڪيٽ کي، جوڙي پرنگ ڪيو
(ستسنگ مهما الف)

گرمک جو ڌيان سدائين مٿين روحاني منڊلن ۾ رهي ٿو، هو هار، جيت، دک ۽ سک کان مٿي آهي ۽ علحدو آهي. اِتي سامي اُن گرمک جي پيٽ اَنل پکيءَ سان ڪن ٿا جو هميشه آڪاس ۾ رهي ٿو.

گرمک جي گادي، اَنل جان آڪاس ۾
هار جيت دُک سُکَ گون، اَگم اَلادِي
(چئپٽر گرمک)

پوري معنيٰ سميت پنهنجو پاڻ چمتڪاري شبد يا اَلنڪار اَچي وڃي ٿو. اِهو ساراه جوڳو آهي. هيٺ ايشور مهما چئپٽر مان آهنگ پد يمڪ جو مثال پيش آهي:

جاني آيو آه، بيڪ ڏري بازار ۾،
پاڻ لڪائي پاڻ ڪون، ڪيلي نانا ڀاءِ،
گرو شيوڪ پاڻ ٿي، لڪ اَلڪ لڪاءِ،
سامي سهج سڀاءِ، راند رچائي خوش ٿي.

(پيج ۲۱۵ ناگراڻي)

مٿي ڏنو وڃي ٿو ’لڪ‘ اکر جون ٽي مناسبتون آهن ۽ هرهڪ مناسبت ۾ الڳ معنيٰ آهي. پهرئين لڪ جو مول ڌاتو سنسڪرت جو لکش آهي. OBJECT, GOAL AIM, लक्ष هئين لفظ الڪ جي پوئين حصي ۾ لڪ اَچي ٿو ۽ پوري اَکر اَلڪ جي پوئين حصي ۾ لڪ اَچي ٿو ۽ پوري اکر الڪ جي معنيٰ آهي ڪُل مالڪ جنهن کي ڏسي نٿو سگهجي. ٽيون اکر لڪائي فعل VERB آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڏسڻ يا محسوس ڪرڻ. الڳ الڳ اَکرن ۾ ’لڪ‘ ٽي دفعا استعمال ٿيو آهي ۽ ٽنهي پورن اَکرن جي معنيٰ اَلڳ آهي. هي ايهام جو تمام سٺو مثال آهي.

يمڪ (ايهام) جو ٻيو مثال پيش آهي ته سڄو سنسار شطرنج جي ساري (گوٽي) وانگر اوديا، اَگيان جي ڀرم ۾ آهي. ڪروڙن ۾ ڪو هڪڙو گرمڪ ويچار ڪري ٿو ڄاڻ ته هن کي ساڌ سنگت ملي آهي ۽ اُن جو موه ممتا ختم ٿي ويو آهي ۽ روحاني آنيو جي ٻرڪي (دري) کلي آهي.

ساري وِسو ساري، سامي اَوديا ڀرم ۾،
ڪوڙن ۾ ڪو هڪڙو، گرمک ويچاري،
جنهن ملي ساڌ سنگت سان، ممتا سڀ ماري،
اَنيئه جي ٻاري، کولي ويلو خوش ٿي.

ٱلنڪار ٿيندو. پر منهن چندرما جهڙو آهي تہ تشبيه SIMILE ٿيندي.

مثال :

ٱهڙو ڪو آهي، ساڌو جَڳُ سنسار ۾،
جو ٱوديا ڪلف اندر جو، لهجي منجهہ لاهي،
ٱندر ٻاهر ڏهہ دسا، ٱلک لکائي،
ممتا مٽائي، سامي چاڙهي ٻير تي.

مٿي ٱوديا کي ڪلف جهڙو يا ڪلف وانگر نہ ڏيکاريو ويو آهي. پر ٱهيد آروپ سان ٱوديا کي ڪلف ڏيکاريو ويو آهي. اِن ڪري روپڪ ٱلنڪار آهي.

جيئن مالا ۾ هڪ هڪ داڻو پوئبو آهي ۽ اُن جي مالا ٺاهبي آهي، تهڙيءَ طرح سان روپڪ ٱلنڪار جي بہ سامي پُر اثر ۽ منظرڪشيءَ واري مالا پيش ڪئي آهي.

ساڳ مهما (ب) ۾ سامي چون ٿا تہ سوَدي جي مال جو مول تت ڪٿي هرِجن هٽ کولي ويٺا. برابر سمانتا جي ساهمي ۽ وٽ رکيائون. جيائون سودي جي قيمت آهي ويساه ۽ نشڪپٽ. سامي چوي تہ پوءِ هري جن پاڻ خود پرميشور کي پرگهٽ ٿيل ڏسندو :

هرِجن ڪڍي هٽُ، ويٺا سوَدي سار جو،
سم رکيائون ساهمي، سم رکيائون وَٽُ،
وٺي ڪو ويساه سان، نيهي نهہ ڪَپٽُ،
پرميسر پرَگهٽُ، سته ڏسي، سامي چئي.

يمڪ Pun ايهام

تجنس حرفيءَ ۾ ساڳي حرف جي ڏُهراوت ٿئي ٿي. پر يمڪ (ايهام) ۾ حرف بدران پوري اکر جو الڳ معنيٰ سان ڏُهراوُ ٿئي ٿو. يمڪ ٻن قسمن جا ٿين ٿا. هڪڙا ٱڀنگ پد يمڪ ۽ ٻيا ڀنگ پد يمڪ (BROKEN STEP PUN). ساميءَ پنهنجي سلوڪن ۾ ڪڏهن بہ ٱلنڪارن جو موه نہ ڏيکاريو آهي. تنهن ۾ بہ ٱهن چرڻن (quarters) ۾

شليش PARANOMASIA

يمڪ (ايهام) ۾ هڪ شبد جو هڪ کان وڌيڪ دفعا استعمال ٿئي ٿو ۽ هرهڪ شبد جي معنيٰ الڳ ٿئي ٿي، پر شليش ۾ هڪ اکر (شبد) هڪ دفعو اِستعمال ٿئي ٿو پر ساڳئي هڪ اکر جون ٻه معنائون نڪرن ٿيون.

وچن تي ويساه، رکين سڪ سچيءَ سان،
پرچي ڪريئي پانهنجو، سامي مرد ملاح،
لحظي منجهه لنگهي پوين، اَٽڪ جو درياه،
ههڙو دلبر داهُ، مونئي ايندءِ ڪينڪي.

(ويساسي الف)

مٿي اَٽڪ اَکر جون ٻه معنائون آهن (۱) رنڊڪ، روڪ، روڪاوٽ ۽ (۲) اَٽڪ جو درياه يعني اُها جاءِ جتي سنڌو نديءَ ۾ ٻيون نديون اَچي ملن ٿيون.

جيڪڏهن توکي گروءَ/مرشد جي وچن تي ويساه آهي تہ هو مرد ملاح توکي سڀني رنڊڪن کان پار پهچائيندو.

ٻي معنيٰ جيڪڏهن توکي گروءَ/مرشد جي وچن تي ويساه آهي تہ هو مرد ملاح توکي اَٽڪ جي درياه کان پار پهچائيندو. درياه ۽ مرد ملاح جي نسبت ۾ ٻئي معنائون پوري اَرٿ واريون لڳن ٿيون. هن مان سامي صاحب جي جاگرافيءَ جي ڄاڻ باري ۾ بہ پتو پوي ٿو.

رس

ساهتيہ ۾ رس نون قسمن جا ٻڌايل آهن - شرنگار رس، شانت رس، وير رس، رئودر رس، هاسيہ رس، ڀيانڪ رس، ويڀتس رس، اَدڀت رس، ڪرڻ رس. اِن ڪانسواءِ سورداس جي ڪرشڻ ليلائن جي رچنا کان پوءِ واتسليہ رس (ٻار لاءِ پيار) بہ مڃيو ويو آهي. روحاني رچنائن ۾ شانت‌رس جي پرڌانتا ٿئي ٿي. ساميءَ جا سلوڪ شانت رس جا سلوڪ آهن. جن ۾ من ۾ شانتي ۽ سنساري پدارٿن جي موه کان اُداس ٿي، روحانيت ڏانهن وڌڻ تي زور آهي.

هتي پهرين ساريءَ جي معنيٰ آهي پورو (وش) سنسار ۽ ٻي ساري جي معنيٰ آهي شطرج جي گوٽي. هڪ لفظ جو الڳ الڳ جڳهه تي ٻه الڳ معنائون آهن.

OXYMORON وروڌاڀاس

جتي ٻن وروڌي نسبتن جي ڪاريه يا گڻ جو واسطو نه هجي ۽ اُنهن جو سنبنڌ ڏيکاريو وڃي. جيئن بنان ٻاهه جي شيءَ جو پچڻ ممڪن نه آهي ۽ ڪوي تڏهن ٻنهي جو سنبنڌ چمتڪاري طريقي سان ڏيکاري ٿو. چئپتر 'اَگياني' ۾ سامي چئي ٿو ؛

سارو جڳ نچي ٿو منن جي محلات ۾
اَت ئي پهر اَندر ۾، بنان ٻاهه جلي

سڄو جڳت اَهنڪار (منن) جي محلات ۾ نچي رهيو آهي ۽ ڏينهن جا اَٺ ئي پهر بنان ٻاهه جي پچي رهيو آهي. جلڻ لاءِ ٻاهه جو هجڻ ضروري آهي پر بنان ٻاهه جلڻ وروڌاڀاس آهي. اِن ڪري وروڌاڀاس اَلنڪار آهي.

ٻيو مثال ويساهي چئپتر مان کڻجي ٿو. سامي چوي ٿو ته جن ويساهه سان گروءَ کان گيان ورتو آهي ۽ جن کي مالڪ کي ڏسڻ جي سڪ آهي اُنهن پنهنجي سر تان مونجهارو ۽ خلل سڀ لٿي ڪيو آهي. چاهي پنج ڪٽا/داٽا پنن، تڏهن به شهزادن جي ديس جا راجا آهن ؛

ويساسن وٽي، وَتي گيات گروءَ کون،
جَنِ کي پيءَ پسڻ جي، سامي سڪ گهٽي،
سڀ وڏائون سِر تون، ڪَلِڪَل سڀ ڪٽي،
پِنَنِ پنج ڪٽي، ته ٻي راجا رانول ديس.
(ويساسي)

پنج داٽا پنڻ وارو راجا هجي، اِنهن ٻنهي نسبتن ۾ اِختلاف آهي اِن ڪري وروڌاڀاس اَلنڪار ٿيندو.

مختصر تبصرهشيام جئسنگهاڻي

’روشنيءَ جو سوداگر‘ - پدم راج شرما

پدم راج ديودت شرما جي سلسلي ۾ اِهو چاڻائڻ واجب ۽ موزون ٿيندو تہ ڀارتي ساهتيہ ۾ ڪن غير رواجي ۽ اَنوکن ساهتيڪارن پنهنجي اَلڳ ڇاپ ڇڏي آهي، مثلن پنڊت مها مهوپاڌيايہ راهلِ سنڪرتاين، رڱيہ راگهوُ، وينڪٽيش ماڊگوُلڪر (جنهن باندرن جي ٽولين تي هڪ نہ وسرندڙ رچنا لکي)، يشونت چِدَمپلي (جهنگلن ماحولن تي آڌارت مرانيءَ ۾ ڪهاڻيون لکندڙ) ۽ رَسڪِن بانڊ (پهاڙي منظرن ۽ ڪردارن جو چترڪار) وغيره.


پدم راج شرما صاحب کي بہ اِن ٽوليءَ ۾ بخوبي شمار ڪري سگهجي ٿو. ان ڪانسواءِ هن صاحب انگريزيءَ ۾ سنڌي ساهتيہ ۽ ساهتيڪارن جو يوگدان، لوڪ ساهتيہ (جنهن ۾ هن جو پنهنجو نجي اَپياس، جاکوڙ ۽ ريسرچ بہ شامل آهي) تي نهايت گهري سوچ سان قيمتي لکيو آهي - سانڍڻ لائق ذخيرو.

روشنيءَ جو سوداگر : مجموعي ۾ اَڻ ڄاتل منظر، ڪردار ۽ وارداتون مضبوط پڪڙ سان اَسانجي ذهن جي پردي تي اُتاري هوُ هڪ قابل فلمڪار جيان اَثرائتي انداز ۾ ڇانئجي وڃي ٿو.

ڪهاڻين ۾ پيش ڪيل واقع، ڪردار - سنڌن تواريخي، جاگرافيڪل، سوشيو - اڪنامڪل ڍانچو هڪ ڇاپ ڇڏڻ ڪانسواءِ رخصت جو نالو ئي نٿا وٺن. ڪهاڻي نويس کي سنڌس چٽيل سموري زمين، علائقن، سرحدن، لوڪن، ريگستانن، اُٺن، اوٺين، نانگن، سپيرن، سرڪس ۾ شراب جي عادي هاٿين، بازيگرن، ڏيئا ۽ مٽڪا ناهيندڙ ڪاريگرن


سامي ۽ ڪل مالڪ پرماتما کي نراڪار روپ ۾ چيتيو آهي، پر تنهن هوندي بہ هن ساڪار روحانيت سان نراڪار جو ميل ٻيهاريو آهي. ساڪار پوڄا ۽ روحانيت اِنسان جي شروعاتي ڪوشش آهي جا اَڳتي هلي نراڪار ۾ بدلجي وڃي ٿي. ميران بائيءَ جا شروعاتي ڀڄن ۽ رچنائون ساڪار روحانيت وارا آهن ۽ پوءِ جڏهن هوءَ رَوداس ڀڳت جي شِشيہ بڻي تہ نراڪار جو اَثر صاف نظر اَچي ٿو. سامي نراڪار پرماتما جنهن جو نہ رنگ آهي نہ روپ آهي اُن جو حامي آهي. اِن ڪري هن هميشه چيو آهي تہ 'مڙهيءَ ۾ منهن پاءِ ۽ اَندرُ اُجار'. ڪتاب پڙهڻ ۽ ويد پڙهڻ سنو ڪم آهي پر آخر پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ پوٿيون ۽ پستڪ بند ڪري، اَندر جي روحاني پرڪاش کي جاڳائڻ تي زور ڏنو آهي.

C- 602, Indralok,
opp : Lokhandwali Police Chowki,
Andheri West,
Mumbai - 400053



برک سوتنترتا سنگرامي شريمتي ڪملا هيرانند
(جنم : ١٩١٢ع) جي ديهانت (٢٤-٧-٢٠١٠)

۽



برک تعليمدان سيتا چمنداس سامتاڻي
(جنم : ١٩١٤) جي ديهانت (٢٨-٧-٢٠١٠)
تي اَسين سندن ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي جڳت
سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

سنڌالاجي پريوار

۷۵ جنم سالگره (۵ سپٽمبر ۲۰۱۰) جي موقعي تي

شرڌانجلي



سدا حيات هريڪانت جيٺواڻي

برک سنڌي ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ ناٽڪ نويس

جنم : ۵-۹-۱۹۳۵ ديهانت : ۸-۵-۱۹۹۴

ساهت ۽ ڪلا جي رچنا

جي جاءِ تہ آهي، گڏو گڏ جهنگلن ۾ ۽ تيرٿ آستانن تي پڻ مختلف پهرن ۾ اَلڳ اَلڳ پوڄا - پاٺ وڌين جي تہرس ۾ وجهندڙ تفصيلوار پهچاڻ آهي. فوجي ڪارگذاريون ۽ انهن سان وابسط ۽ تعلق رکندڙ حالات، مشغوليون ۽ ضروري عناصر هن اثرائتي ڍنگ سان پيش ڪيا آهن - سندس اڳ لکيل هڪ يادگار ڪهاڻي ’رحيم راجستاني‘ مرڪزي ساهتيہ اَڪاڊمي ءِ جي تازه ترين سنڌي ڪهاڻين جي انتخاب ۾ شامل آهي ۽ پڻ سنڌ جي معياري رسالي ’ڪينجهر‘ ۾ ڇپجي چڪي آهي. موجوده مجموعي جي ٽائيٽل ڪهاڻيءِ جو نابين ڪردار چوي ٿو : ’مان ڏيئا نٿو وڪڻان، روشني ٿو وڪڻان‘ ۽ هوُ هڪ اُدار دل شخص کي مرڻ مهل پنهنجيون اَکيون سونپي ٿو وڃي.

پدم راج شرما جون ٻيون بہ مختلف موضوعن تي ڪهاڻيون هن مجموعي ۾ شامل آهن ’غرض جو ميلو‘ اِنساني خود غرضي، ’ڪمان گهٽي‘ : هند-پاڪ سرحد جي سلسلي ۾ انساني نيڪ دل جو نقش ۽ پاڪيزگيءِ جو داستان، ’نانگن جي وچ ۾ چندن‘ سپيرن جي ڊاڪيومينٽري، ’هڪ چور‘ : شرابي هاٿيءِ (!) ۽ وفاداريءِ جي گاٿا، ’گنگا جي ڪناري‘ : هڪ نئين شروڻ ڪمار جو ڪهاڻيءِ مان اُپري زندگيءِ جي دائري ۾ داخل ٿيڻ، ’ايڪس ري : نندين-نندين سوارٿن جي شڪار سبب اِنساني گراوٽ جي بيهودگي ۽ ڪراهت جي تصوير ....

پدم راج شرما صاحب لاءِ هڪ فوجي سلام لازمي

(رچنا-جنوري-مارچ ۲۰۰۷)

مان هنديءَ ۾ M.A. لاءِ هڪ سال پڙهڻ کانپوءِ، ٻئي ڇڏي ڏنائين. پڙهڻ سان گڏ، هريءَ نوڪريون به ڪيون. شروعات ١٩٥٥ ۾ اَجمير ميرواڙ راڄيه جي جَنَ سمپرڪ وڀاڳ ۾ ترجمان طور ڪيائين.

راجستان سيڪريٽريٽ جئپور ۽ جيون ويما ڪارپوريشن اجمير ۾ ١٩٥٨ تائين نوڪري ڪرڻ کانپوءِ هري دهليءَ ويو. اُتي دهلي يونيورسٽيءَ جي پوسٽ گرئجيوئيٽ اِنسٽيٽيوٽ ۾ فلاسافيءَ ۽ منووگيان ۾ M.A. ڪرڻ لاءِ به سال پڙهائي ڪيائين پر ڪن اَڻٽر سببن ڪري هو امتحان نه ڏيئي سگهيو. ڀارت سرڪار جي واڻجيه منترآليه دهليءَ ۾ ڪجهه وقت ڪلارڪي ڪري، هريءَ U.N.I. ۾ اول سب ايڊيٽر، پوءِ ايڊيٽر خواه اِسپيشل ڪريسپانڊنٽ طور ڪم ڪيو. ١٩٦٧ تائين اَٺ ڏهه نوڪريون بدلائي، سينٽرل اِنفرميشن سروس ۾ پترڪار طور شروعات ڪيائين. آخر ۾ هو آڪاشواڻي دهليءَ جي سماچار وڀاڳ ۾ سنڌي نيوز يونٽ جو اِنچارج ٿي رهيو ۽ ١٩٩٢ ۾ رٽائر ڪيائين. آڪاشواڻيءَ ۾ گهڙڻ کان اڳ هن جي زندگيءَ ۾ گهڻو ڀٽڪاءُ چٽيءَ طرح ظاهر آهي. اُن جو خاصو اثر سندس نين ڪويتائن مان بخوبيءَ لياڪا ٿو پائي.

١٩٦٢ ۾ هريءَ، M.A. پاس ڪيل راڌا لالچندانيءَ سان شادي ڪئي. کين به پٽ ۽ هڪ adopt ڪيل ڌيءَ آهي. هڪ پُٽ اَنيل وڃي آمريڪا وسائي ۽ پرڻيل ڌيءَ پدما ماکيجاڻي دهليءَ ۾ آهي. راڌا ۽ پٽس سنيل، دهلي ڇڏي راجڪوٽ آيا جتي اڄ ڪلهه هوءَ اڪيلي رهندي آهي ۽ سنيل پاڻ جهڙن ٻارن سان گڏ جهوناڳڙه ۾ هڪ هاسٽل ۾ رهندو آهي.

هريءَ جي پهرين ڪويتا 'ڀٽڪيل روح' ١٩٥١ ۾ اَجمير جي روزاني اخبار 'هندو' جي پهرئين صفحي تي ۽ پهرين ڪهاڻي 'پٽيوالو' به 'هندو' جي خاص ڏياري پرچي ۾ ڇپي هئي. اِهو ڏسي سندس اُستادن هنکي اِسڪول مخزن جو سمپادڪ مقرر ڪيو. هري اِسڪول جي ڊبيٽنگ چٽاڀيٽيءَ ۾ به پهريون نمبر آيو. سندس اوائلي رچنائون اجمير جي

هريڪانت چينواڻي

سدا حيات هريڪانت جو جنم ۵ سپٽمبر ۱۹۳۵ تي جيڪب آباد شهر ۾ هن جي ناناڻي گهر ۾ ٿيو. هو هڪ برک سنڌي شاعر، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس ۽ مقالا لکندڙ هو. هنجو پورو نالو هو هري روپچند چينواڻي ۽ اَباڻو ڳوٺ هوس نوَ شهرو فيروز. سندس پتا سرڪاري اِسپتال مان انچارج ڊاڪٽر طور رٽائر ڪيو. هنجون بدليون تمام جلد جلد ٿينديون رهنديون هيون جنهن ڪري ڪنهن گهڻو عرصو ڪٿي به ٽانئيڪو ٿي رهي نه سگهيو. اَڍائي سالن جي عمر ۾ هريءَ جي ماتا گذاري ويئي ۽ هو ڪنڊ ڪوٽ نالي ڳوٺ ۾ وڏن چاچن جي گهر ۾ نپجڻ لڳو. ٿوري وقت ڪانپوءِ هو ناناڻن وٽ خيرپور ميرس موڪليو ويو. ائين هريءَ جو ٻالپڻ سئر سفر ۾ گذريو. هريءَ جي پيءُ ٽن سالن بعد، پنهنجيءَ ساليءَ سان ٻي شادي ڪئي. ماٽيليءَ ماءُ ڪيس سڳيءَ ماءُ کان وڌيڪ پيار ڏنو. هري ماءُ پيءُ جو ٻيون نمبر ٻارُ هو. هن کي ست ڀائر ۽ هڪ ڀيڻ هئي.

پيءُ جي بدلين سبب، هري پرائيمري ڪلاسن جو هڪ درجو به ساندهه هڪ اِسڪول ۾ نه پڙهيو. ۱۹۴۷ جي ورهاڱي بعد هريءَ جو ڪٽنب سنڌ ڇڏي اَجمير آيو. اُتي گورنمينٽ هاءِ اِسڪول نمبر ۲ مان اَجمير بورڊ جي مئٽرڪ پاس ڪري، خانگي طرح، .B.A پنجاب يونيورسٽيءَ مان ۽ هندي ساهتيه سميلن پرياگ مان ساهتيه رتن پاس ڪيائين. راجستان يونيورسٽيءَ جي .L. L. B لاءِ ۽ پنجاب يونيورسٽيءَ

موکيائين، پر ڪويتا ۽ ناٽڪ هن کي وڌيڪ پيارا هئا. ۴۳ سالن جي ادبي سفر ۾ هن جا ڪل ۱۴ ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ ٦ ڪويتائن جا ۽ ۵ ناٽڪن جا هئا.

۱۹٦۱ ۾ 'پرهه کان پهرين'، ٦۲ ترائيلن جو پهريون سنگرهه شايع ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيائين. هن جا گهڻا ترائيل جُدائيءَ جي درد سان ڀريل آهن. مهان شاعر سدا حيات نارائڻ شيام اُن ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڄاڻايو آهي :-

'هن ۾ ترائيل جي ٻن بندن وچ ۾ آهن هڪ نوجوان دل جي جذبات جون چوهه ڀريون ڇوليون، جيڪي هڪ نهايت چست چال واري وزن ۾ لکيل آهن.'

هريڪانت جي ويجهي دوست ۽ مشهور شاعر لڇمڻ ڀاٽيه 'ڪومل'، هريڪانت جو تعارف ڏيندي هن ڪتاب ۾ لکيو آهي:-

'هنجي شاعريءَ تي هنجي زندگيءَ جو گهاٽو اثر پيل آهي. هريڪانت جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري نٿو سگهجي.'

۱۹٦۵ کان ۱۹۷۵ تائين هريڪانت جو قلم خاموش رهيو. اُن لنبيءَ خاموشيءَ کانپوءِ، روايتي شاعري ڇڏي، هريڪانت نئين ڪويتا ڏانهن ڇلانگون ماريندو، مُڙي ويو. هن ان باري ۾ ڄاڻايو آهي :-

'لنبيءَ خاموشيءَ ۽ ويچار کانپوءِ مون محسوس ڪيو ته اوچتو بدلجندڙ ۽ هڪ عجيب قسم جي سينسرشپ سان حاصل، سياسي ماحول اندر جيڪڏهن مون کي ڪجهه چوڻو آهي ۽ پنهنجون ڀاونائون ٻين تائين پهچائڻيون آهن ته پوءِ اُهو سڀ هڪ مختلف ٻوليءَ ۽ فارم ۾ ئي ممڪن ٿي سگهندو. ان ڪري مون نئين ڪويتا جو فارم اَپنايو.'

ائين هڪ ٻئي پٺيان هنجا سنڌيءَ ۾ چار، ۽ هنديءَ ۾ هڪ، نئين ڪويتا جا مجموعا شايع ٿيا :- اُگهاڙا آواز (۱۹۸۱)، هنديءَ ۾ لنبي

روزانين اخبارن ’هندو‘ ۽ ’جوالا‘ ڪانسواءِ اُتان جي رسالن ’ڪلاڪار‘ ’ڪماري‘ ۽ ’زندگي‘ ۾ بہ ڇپجڻ لڳيون. اڳتي هلي سندس ڪهاڻيون بمبئيءَ جي هفتيوار اخبار ’هندواسي‘ ۾ بہ ڇپيون هيون. اهڙين ادبي خدمتن ڪري، اسڪولي جيون ۾ ئي هري اجمير جي نامور ليکڪن گووردن ڀارتي ۽ پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻيءَ جي قطار ۾ ليکجڻ لڳو. تن ڏينهين، هريءَ جون رچنائون هري ’غريب‘ تخلص سان شايع ٿينديون هيون. پوءِ هُن پنهنجو نالو مَٽائي هريڪانت ڪيو. اُن لاءِ هُن هيءَ سمجهاڻي هڪ ليک ذريعي ڏني هئي:-

’شرت بابوءَ جي مشهور ناول ’شريڪانت‘ جي طرز تي لکيل اٽڪل چار سوَ صفحن واري ناول ۾، منهنجي جيون جو عڪس ٻالپڻ کان ١٧ سالن جي عمر تائين ڪينچيل هو. اُهو ناول لکڻ کانپوءِ ئي مون پنهنجو نالو هري ’غريب‘ مان ڦيرائي هريڪانت ڪري ڇڏيو ۽ ناول ڇپائڻ جو موہ پلي ڇڏيم.‘

هريڪانت جي نالي سان سندس پهرين ڪهاڻي ’غفور‘ ١٩٥٦ ۾، ’ٻتي اُجهامي وئي‘ ١٩٥٨ ۾، ۽ پوءِ ٻيون ڪهاڻيون حيدرآباد سنڌ مان نڪرندڙ ٽہ - ماهي رسالي ’مهراڻ‘ ۾ شد مد سان ڇپيون هيون. ١٩٥٤-٥٥ ڌاري هن جون رچنائون هندستان ۾ شايع ٿيندڙ ويهارو کن رسالن ۾ ڇپيون هيون، جا هڪ نوجوان هوڻهار ليکڪ لاءِ وڏي حاصلات هئي.

١٩٧٨ ۾ ڇپيل ’ڦهلجندڙ ريگستان‘ نالي ڪهاڻين جي مجموعي تي ١٩٨٠ ۾ ڀارت سرڪار جي تعليمي وياڳ طرفان هريڪانت کي انعام مليو. ١٩٩٧ ۾ هنجي ڪهاڻين جو ٻيون مجموعو ’زيبرا ڪراسنگ تي‘ هنجي سرڳواس ٿيڻ کانپوءِ شايع ٿيو.

هريڪانت نثر توڙي نظم تي تمام مضبوطيءَ سان قلم هلايو. نظم ۾ هُن ترائيل، غزل، گيت ۽ بيت، نئين ڪويتا ۽ آزاد نظم تي بخوبيءَ طبع آزمائي ڪئي. نثر ۾ بہ ڪهاڻيون، ناٽڪ ۽ مقالا لکڻ ۾ ڀاڱ

'اُڱهاڙا آواز' پڙهڻ کانپوءِ برک شاعر سدا حيات دادا هري دلگير، هريڪانت کي ۴ ميءِ ۱۹۸۱ جي چٺيءَ ۾ لکيو آهي :-

'هيءُ ڪتاب سنڌي شاعريءَ جي راهه ۾ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيندو ..... حاصل مطلب ته ڪتاب بيحد وڻيو اٿم. شل هيءُ ڪتاب نئين ڪويتا لاءِ نئين راهه گهڙي.'

نئين ڪويتا جا ٻه مجموعا ڇپجڻ کانپوءِ، هريڪانت نئين ڪويءَ طور تسليم ٿي چُڪو هو. هُن جو نئين ڪويتا جو ٽيون ڪتاب 'سوچ جون صورتون' ۱۹۹۰ ۾ شايع ٿيو ۽ اُن تي هريڪانت کي مرڪزي ساهت اڪاڊميءَ جو ۱۹۹۱ جو انعام حاصل ٿيو. سياسي طنز سان ڀرپور هن ڪتاب کي وٺي، 'ٽائيمس آف اِنڊيا' ذريعي، هڪ اديب هريڪانت تي تهمت مڙهي ته هو باغي آهي ۽ راڄدروهه تو سيکاري. ڪيترن ئي مانوارن اديبن اُن سازش جو ورود ڪيو. اُن وادوواد جي باوجود، هريڪانت جو قلم وڏيڪ تاوَ ۽ تابش سان لکندو رهيو. ۱۹۹۵ ۾ هنجو نئين ڪويتا جو آخرين سنگرهه 'اُڻويهون اَڌياءُ' شايع ٿيو.

۱۹۵۸ ۾ دهليءَ اَچڻ تي، هريڪانت جي دوستي سنڌي رنگ منچ جي مايه ناز اداڪار سرڳواسي هيمراج ناگواڻيءَ ۽ مشهور هدايتڪار، سدا حيات جيون گرسهاڻيءَ سان ٿي. شُتت ئي راڄڌانيءَ ۾ ناٽڪڪارن جي سنسٿا 'سنڌو ڪلا سنگم' برپا ٿي ۽ اُن سان هريڪانت به جُڙي ويو. اُن دَوَر ۾، جيون، هيمراج، هريڪانت ۽ لڇمڻ 'ڪومل' جي چوياري مشهور هئي. جيون جي اُتساهه ڏيارڻ تي، ۱۹۶۲ ۾ چين جي اوچتي حملي کان متاثر ٿي، هريڪانت پهرين ايڪانڪي لکي 'آخر جيت اسانجي'، جا سنگم دهليءَ ۾ ڪاميابيءَ سان منچ تي آندي. ٻيون ايڪانڪي، مذاقي ناٽڪ 'مڪان خالي آهي' بيحد ڪاميابيءَ سان دهلي ۽ ڪيترن ٻين شهرن ۾ گهڻائي دفعا پيش ٿيل آهي. اِهو ناٽڪ دور درشن تان ٻڻ پرسارت ٿيو هو. ۱۹۷۷ ۾ 'مڪان خالي آهي' نالي سان پهريون ايڪانڪين

ڪويتا - ايڪ ٽڪڙا اِتهاس (١٩٨٣)، لپ پر روشني (١٩٨٧)، سوچ جون صورتون (١٩٩٠) ۽ اُڏيهون اَڏياءُ (١٩٩٥). ’لپ پر روشني‘ شايع ٿيڻ سان، هريڪانت جي شاعريءَ جي سڱنڌ ڀارت جون سرحدون پار ڪري سنڌ وڃي پهتي. اُتي سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ پاران، مشهور اَديبن ۽ دانشورن، سندس ڪتاب ’لپ پر روشني‘ تي ١٩٨٨ ۾ هڪ خاص ورڪشاپ ڪوٺايو. اُن ۾ مقالا نويسن، هريڪانت جي ڪويتائن تي بيباڪيءَ ۽ کليل دل وَ دماغ سان بحث ڪيو. هن واقعي جو ذڪر سدا حيات هري موٽواڻي ’سنڌي‘، ١٩٩٦ ۾ ڪونج رسالي جي هريڪانت سمرتي پرچي جي ايڊيٽوريل ۾ هنن لفظن ۾ ڪيو:

’اِهو وڏو اِنعام آهي ڪنهن بہ ليکڪ لاءِ، جڏهن سندس رچنائن جو اهڙي نموني جائزو ورتو وڃي ٿو. اِهو شرف ڀارت جي ڪنهن سنڌي ليکڪ/ شاعر کي پهريون دفعو حاصل ٿيو، سندس جيئري ئي .....‘

هن ڪتاب کي پڻ ڀارت سرڪار جي شِڪشا منترآليہ وٽان اِنعام مليو.

فن جي لحاظ کان هريڪانت جون نيون ڪويتائون، سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئون آواز ٿي اُڀريون. هُن جو لهجو نهايت شوخ، طنزيہ ۽ کاوڙ ڀريو تہ آهي ئي، پر ڪن ڪن هنڌ هاسيہ رَس جي سڱنڌ بہ محسوس ٿو ڪرائي. سنڌ جي مشهور اديب بدر قريشيءَ جو رايو آهي تہ هريڪانَت سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئون انداز قائم ڪيو، جنهن کي خالِص هريڪانت جو انداز چئي سگهجي ٿو. هُن جي موضوعن ۾ سندس سياسي، سماجي، سيپتڪ، تواريخي ۽ ادبي نواڻ چٽيءَ طرح ظاهر آهي. هند جو برک نقاد سدا حيات پرم ابيچنداڻي لکيو:-

’سندس ڪوتائون پاکنڊي سماج ۾ موجوده سياسي سرشتي خلاف حِقارت جو اظهار هِيون ... اهڙي ڪويتا سنسڪار، تاثير، پرڀاوَ، انتهڪرڻ ۽ اندرئين تاوَ کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي ٿي جڏي ....‘

هريڪانت کي خوفناڪ ۽ ہرندڙ غصي سان گڏ هڪ زبردست پيڙا آهي، جا سندس ادبي رچنائن ۾ چٽائيءَ سان نظر اَچي ٿي. اُن غصي ۽ پيڙا سبب، هن هڪ نئين اظهار، هڪ نئين ہوليءَ ۽ هڪ نئين محاوري کي جنم ڏنو آهي.'

اَڄوڪي ڏينهن تي، جيڪر اهڙي اعليٰ ساهتيڪار جو ۷۵ جنم سالگره خوب شد مد سان ملهائجي ها، پر افسوس هو ۸ ميءِ ۱۹۹۴ تي دل جي دؤري سبب، اسان سڀني کي وڇوڙي جو زبردست ڌڪو ڏيئي، اگم ديس ڏانهن هلي ويو.

26, Maleer,
Adipur (Kutch) - 370205

۵ سپٽمبر ۲۰۱۰ تي آڪاشواڻي ٻج
تان پرسارت ٿيل

هريڪانت جي ۷۵-جنم سالگره جي موقعي تي
سنڌالاجيءَ جي 'ناٽيہ ڪنور'
فخر سان پيش ڪري رهي آهي
هريڪانت جو لکيل تہ - فصلو ناٽڪ

ڪٽرا ڳ

اداڪار : لتا گرناڻي، تلسي ٿاواڻي، چمپا چيتناڻي، روشن گوپلاڻي، مڪيش تلوڪاڻي، ايشور ياٽيا ۽ ياويش بهراڻي
آرتوار ۵ سپٽمبر ۲۰۱۰ شام جو ۷ بجي
پريو درشن هال - آديپور ۾


جو مجموعو شايع ڪيائين جنهن ۾ ٽيهن تي ايڪانڪيون آهن، ’ڏينهن جا سپنا‘، ’ڪوئي اَڇلو آهي‘ ۽ ’بس اسٽاپ تي‘، جي پڻ سنگم ڪاميابيءَ سان منچ تي آنديون.

۱۹۶۴ ۾ هريڪانت ٻهريون ڀيرو ته-فصلو ناٽڪ ’مون کي ڪنوار ڪيپي‘ لکي، اصلوڪن وڏن ناٽڪن لکڻ جي ڏس ۾ مبارڪ ڪوشش ڪئي ۽ سنگم اُهو به ڪاميابيءَ سان منچ تي پيش ڪيو. اِهو ناٽڪ ڇپائڻ کان اڳ ڀن اُن جو نالو ڦيرائي ’ڪنراڳ‘ طئه ڪيو هو ۽ ۱۹۹۶ ۾ اُهو شايع ٿيو. نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو اُن جو ٻهريون شو اڄ آديپور ۾ سنڌالاجي پيش ڪندي. سياسي کيتر ۾ هلندڙ چالبازين تي لکيلُ، سندس ٽيون اصلوڪو وڏو ناٽڪ ’ترڪتال‘ پڻ ۲۰۰۱ ۾ شايع ٿيو پر اڃان رنگ منچ تي نه آيو آهي. ڀن به ٻيا وڏا ناٽڪ پڻ اُلٿو ڪيا : هڪ ۱۹۸۸ ۾ ساهتيه اڪاڊميءَ طرفان ڇپايل ’ڀوت .... ڀوت‘، اِبسن جي ناٽڪ Ghosts جو ترجمو ۽ ٻيو ڪاموءَ جي Cross Purposes جو اُلٿو - ’هتيا هڪ سپني جي‘، جو اَڃان اڻڇپيل آهي. هريڪانت جا به ٻيا انواد ڪيل ڪتاب پڻ آهن :- ۱۹۶۵ ۾ ڇپيل ’نيڪ جيون جون راهون‘ (Altruism) ۽ ۱۹۷۹ ۾ شايع ڪيل ’جيوني - سري اربندو‘. ڀن ڪيترائي مقالا پڻ لکيا ۽ ٽن مخزنن ’سنڌو سماج‘، ’ساهتيه ڌارا‘ ۽ ’آڪاٽي‘ جو به سمپادن ڪيو.


مطلب ته هريڪانت هڪ ٻهوکِٽي ڪلاڪار هو. ناٽڪن، ڪهاڻين ۽ تنقيد تي سٺو دست رس حاصل هوندي به، هريڪانت جون ڦوتون شاعريءَ لکڻ ۾ وڌيڪ شڪون پائي سگهيون، سو به خاص طور نئين ڪويتا ۾. سدا حيات مشهور اديب گني سامتاڻيءَ جو رايو هو :

’هريڪانت جي خانابدوشي صرف جسماني نه آهي، مانسڪ طور، روحاني سطح تي به هو ٽانئيڪو نه ٿي سگهيو. ديس جي موجوده سرشتي ۽ نيتائن جي رشوتخوريءَ، بي ايمانيءَ ۽ ڀرشٽاچار تي

هريڪانت جي ناٽڪ 'ڪتراڳ' جا ڪي درشيه











سنڌالاجيءَ جي 'ناٽيه ڪنور' گروپ جا ڪلاڪار (۱) سيما گرناڻي (۲) چمپا چينناڻي (۳) روشن گوپالاڻي (۴) تلسي ٿاڌاڻي (۵) مڪيش تلوڪاڻي (٦) ايشور ياٽيا (۷) ڀاويش ٻتراڻي



شريمتي راڌا هريڪانت جيتواڻيءَ جي تصوير اڳيان پشپ پيش ڪندي




پريو درشن هال ۾ درشڪ 'ڪتراڳ' ناٽڪ ماڻيندي

ڪو فلاڻو ڪتاب باقي شامل چئن ڪتابن کان بهتر ڏسڻو آهي. پر انعام بعد اهو دنيا ۾ جو بهتر ڪتاب ڪري ڳڻڻ تائين جو خمار چڙهندو به ڏٺو ويو آهي. اهي ٻيا چار شارٽ - لسٽ وارا ڪتاب ڪنهن به يوجنا بنا، مذڪور وقت جي آس-پاس جي ڏينهن هوندا آهن. ان ڪري اهو ڪتاب اَصل ۾ محض پنجن ڪتابن ۾ بهتر چئي سگهجي ٿو. اِتي به وري انعام پسند ڪرڻ وارا، يڪ - راءِ ٿيڻ صدقي، صدق، قرب ۽ لحاظ رکڻ کان مشڪل بچي سگهندا آهن - صدر جو اَثر به پنهنجو زور رکندو آهي.

ان جو اهو مطلب به نه آهي ته فلاڻي يا ڪا ٻي سسٽم نردوش آهي. اڪثر هرهڪ سسٽم جون ڪي نه ڪي محدودگيون نظر ايندون رهنديون آهن.

هيءَ چنتن فقط ان ڳالهه تائين آهي ته - ڪهڙين ڪهڙين حالتن جي زير-اَثر مليل ڪو به انعام - سچ پڇو ته هڪ اتفاق آهي - سرٽيفڪيٽ نه آهي. پر ان جو اهو به مطلب بنهه نه آهي ته، عام طور، انعام مليل ڪتاب ڪمزور هوندا آهن. جتي فلٽريشن جو پئمانو ڪافي حد تائين بي - درد هجي ۽ هڪ وڏو تعداد پسندگيءَ لاءِ مهيا هجي، اِتي، اوس، ڪي اَهڙا بهتر ڪتاب يا رچنائون - متي تري اَچن ٿا. ان وقت انعام جي لاءِ مقرر مشينري، مِشن جو ڪم ڪري ته ضرور، چوندڙ وارو ڪو ڪم ڪو ڪرشمو ڏيکاري سگهي ٿو. پر پوءِ به، آخر ۾، مذڪور ڪتاب اگرسچ ۾ بهتر آهي، ته اهو انعام ڏيڻ وارن جو ڀاڳ آهي، وٺڻ واري جو نه آهي. جو جو، ڪتاب، انعام کان اول ئي بهتر هو. انعام جي ڪري اهو وڏيڪ بهتر ڪونه ٿو بڻجي.

پاپيولر لٽريچر ته اڳ ئي پٽ وڃائي چڪو آهي. لوڪپريه ڪتاب ته ڦُٽ پاٿ تي وڌيڪ وڪامندا آهن. شُهٽي اِشاعت وري هڪ ته پئسي



مُکت-چنتن / نامديو تاراچنداڻي

اِنعام سرٽيفڪيٽ نہ آهي!

ساهت جي پرک سدائين سنڪٽ ۾ رهي آهي. ڪو ڪتاب يا ڪا رچنا بهتر آهي يا نہ - اِهو ڪم نقادن جو مڃيو ويو آهي. پر گهڻا دفعا خود نقادن جون پنهنجون رچنائون 'ايوريج' نظر ايندڙيون آهن، ان جو هڪ سبب اهو آهي تہ پنهنجي رچنا جي پاڻ ڪٽ ڪرڻ وڏيڪ ڏکي آهي.

عام طور انعام مليل رچنا کي 'بهتر' مڃي، ان جي رچناڪار کي ٿي مٿاهون درجو ڏنو ويندو آهي - پر حقيقت اِها آهي تہ ڪو بہ انعام سرٽيفڪيٽ نہ آهي. ڪجهہ ثابتيون هن طرح ڏسون.

ڪيترا اِنعام اُنهن ڪتابن کي ڏنا ويا آهن، جي اُنهن ليکڪن جي پنهنجن ڪتابن ۾ بهتر نہ آهن. سبب گهڻا آهن. انعام جي اينٽريءَ جو وقت مُکيہ آهي. انعام طئہ ڪرڻ وقت گهڻا دفعا ليکڪ جو هيو يوگدان ڌيان ۾ آڻبو آهي - پر پوءِ انعام کان پوءِ اهو نقطو انعام سان چنبڙيل ڪونہ هوندو آهي. ائين انعام ڏيڻ وقت ليکڪ جي عمر جو لحاظ رکيو ويندو آهي. پر پوءِ اُها 'ديا' ڍڪيل رهندي آهي.

سڀ کان وڏو مدو آهي - اِنعام کي شامل ٿيل چٽاڀيٽيءَ تي آڌار رکي ٿو. شارٽ لسٽ بعد چونڊيل ڪتابن مان هڪ کي انعام ڏيڻ وقت

توهان طرفان

هري همٿاڻي (اَجمير)

’رچنا‘ جو تازو انڪ مليو. ڪور تي گوپ ڪمل جو فوٽو. ان طرح تون پاٺڪن کي مقبول رچناڪارن جو منوهر مکڙو پسائين ٿو. گوپ ڪمل جا شعر دل ۽ دماغ کي ڇُهن ٿا ۽ پنهنجو مخصوص اثر ڇڏين ٿا.

’اسانجي طرفان‘ جيڪو هميشه جيان سوچ ۽ فڪر ۾ سميٽيل سمپادڪيه آهي، پڙهيم. عجب ٿو لڳي سنڌيءَ جا ’سو ڪالڊ‘ اديب ڪٿي وڃي پهتا آهن؟ پنهنجو مطلب حاصل ڪرڻ ۾ ’ڪين جهڙن‘ جي ’جي حضوري‘ ڪرڻ کان گريز ڪونه ٿا ڪن. چريتر هيڻتا ۽ بي حيائيءَ جو بول بالا آهي.

شرڌانجلي پيج تي سدا حيات گوورڌن ڀارتيءَ جو فوٽو ڏسي جيءُ جُهري پيو. اِئين پيو لڳي سامهون ويٺو آهي. انيڪ يادن سان سدا سدا دل تي ڇانيل رهندو. تنهنجو لکيل سندس جيون بابت مختصر باب دل ۾ پيهي ويو.

گوورڌن بابت ڪيترو به لکجي ته ٿورو آهي. سندس يادون، مُرڪون، ٽهڪ گلن وانگر هِتي هُتي ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. اُها خوشبوءِ مِٽجڻ جي ناهي. سندس شعر جي اِها سٽ بار بار دل ۾ ڦري ٿي اَچي ۽

’جڳ ميڙيا ٺامي جا ٺڪرا
مون ميڙيا گيتن جا موتي!‘

گوورڌن سنڌي ادب ۾ اهو ڪوهنورُ هو، جنهنجي چمڪ دمڪ سدا قائم دائم رهندي.

ايشور ڀارتي (اَحمدآباد)

رچنا - ١٢٦ (اَپريل-جون ٢٠١٠) ۾ ڇپيل وليرام ڪشناڻيءَ جي ڪهاڻي ’پوڻي يا ڏاڏي؟‘ پڙهڻ ۾ مونکي صرف پنج منٽ لڳا. پورا

جو ڪيل آهي - هيو اها تہ ٻين جي ڪلا آهي - تہ پوءِ آخر بهتر ڪتاب جي سڃاڻپ يا ڪسوٽي ڪهڙي ٿئي جي - اهو سوال سامهون اچي ٿو. ڪام جيبي يا ڪلاسڪس رچنائن کي بہ پنهنجي وقت ۾ مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻو پيو هجي، اهڙا مثال درلڀ نہ آهن - اهو بہ درلڀ نہ آهي تہ ڪي ڪتاب اول ايترا پسند نہ ڪيا ويا هجن، پر پوءِ بهتر ثابت ٿيا آهن - يا ڪي ڪتاب اول بهتر ڳڻيا ويا هجن، پر پوءِ اُهي اهميت کي قائم رکي نہ سگهيا هجن.

ان طرح، بهترين ادب لاءِ هڪ ڪسوٽي اها چئي ويندي آهي - جو عام توڙي خاص ٻنهي طبقن ۾ مقبول پوي. پر اها بہ هرهنڌ ڪارگر ڪسوٽي ثابت ڪانہ ٿي سگهي آهي.

ڪيترا ڪلاسڪس عام - فهم نہ هوندا آهن - پر اهي سچ پچ بهتر هوندا آهن.

ائين، ساهت جي پرک سدائين سنڪٽ ۾ رهي آهي. پر ايترو تہ چئو آهي تہ - اِنعام هڪ اتفاق آهي، سرٽيفڪيٽ نہ آهي.

50, Narayan Gardens,
off Gotri Road
Vadodara - 390021
e.mail : namdev@ tarachandani.com



’رچنا‘ ۾ پڙهيو آهي. وليرام ڪشناڻيءَ جي ڪهاڻي ’پوتي يا ڏاڏي‘ خوب وڻي. هرڪنهن جي جيون ۾ اهڙا قصا ڏسڻ ۾ ايندا آهن، ڪنهن ڪنهن وقت ننڍڙا ٻار پنهنجي وڏڙن کان اهڙا ٻه سوال پڇندا آهن جيڪي سوچڻ تي مجبور ڪندا آهن. جديد وقت ۾ ٻار تيز فهم ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اڄ جي انٽرنيٽ ۽ نئين ٽيڪنالاجيءَ جي يُگ گهڻو پريورتن آندو آهي.

گوپ ڪمل جي ’چانو ويڙهيل جسم‘ تي مانواري اديب اَرجن حاسد جو مقالو ۽ موهن گيهاڻي جا تاثرات، گوپ ڪمل جي ساهتڪ قد جي ڄاڻ ڏين ٿا. هيءُ انڪ هرطرح کان بهترين لڳو ۽ سانڍي رکڻ جهڙو آهي.

ڊاڪٽر نارائڻ سامتاڻي (وراڻسي)

’رچنا‘ جو ۱۲٦ انڪ مليو. تنهنجو سمپادڪي ليک ’اسانجي طرفان‘ ڪاميابي (Success) ۽ مهارت (Excellence) ۾ تو سچ پچ ڪماليت ڏيکاري آهي. منهنجون هارڊڪ واڌايون!

تفصيل ۾ گهڻو پوءِ لکندس جڏهن اکين ۾ بهتر روشني اچي وڃي. مون پنهنجي ڌرمپتني ڪملا کان ليک پڙهايو ۽ جڏهن پڙهندي ٿي ويئي تہ منهنجي انترمن ۾ تنهنجي لاءِ پرشنسا جون لهرون اُٿي رهيون هيون. تو سماج جي صحيح صورت پيش ڪئي آهي.

Visit our upgraded website: www.sindhology.org

Published and Printed by Lakhmi Khilani, Director, on behalf of Indian Institute of Sindhology, Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir, Adipur (Kutch) - 370205. Printed at Shree Sainath Offset Commercial Art Printers, Plot No. 127, Sector 1A, Gandhidham - 370201. Editor : Lakhmi Khilani.

پنج منٽ. ليڪن هن نهايت ڪَسيل (compact) ڪهاڻيءَ ۾، جنهن جي لنبائي فقط هزار ڪن لفظ آهي، غضب جو تاثر آهي. وليرام ڪشناڻيءَ جي هڪ ٻي ڪهاڻي جيڪا 'رچنا' ۾ ڏهه سال اڳ ڇپي هئي - 'جوڏي' - مونکي خوب وڻي هئي ۽ مون اُن جو ذڪر پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ڪهاڻيءَ' ۾ ڪيو آهي. وليرام ڪشناڻيءَ کي ليٽ سنڌي ٻوليءَ تي ڪمال جي دسترس آهي. ڪشناڻيءَ جون اِهي ٻئي ڪهاڻيون سِڌيون زندگيءَ مان ڪنيل آهن ۽ هنجو فرسٽ هئنڊ آزمودو آهن. 'پوٽي يا ڏاڏي؟' رول رورسل (Role reversal) جي ڪهاڻي آهي، انساني قدرن جي ڪهاڻي آهي، رشتن جي گرمائش جي ڪهاڻي آهي، جن کان اڄ جو آدمي وانجهجي صفا ڪوڪلو ٿي ويو آهي. ڪشناڻي اسان کي قدرن جي سونهن جو درشن ٿو ڪرائي. زندگيءَ جي شام وٽ پهتل هڪ بزرگ جيڪو پاڻ ڏانهن لاپرواهه آهي، تنهنجو هنجي پوٽي ڏاڏيءَ جهڙو خيال ٿي رکي، پرگهور ٿي لهي. اُها Concern نه صرف ڏاڏي جي اکين ۾ خوشيءَ جا لڙڪ ٿي آڻي، بلڪ اَسين به پنهنجي اَندر ۾ هڪ اَنوکي آلاڻ ٿا محسوسيون.

ايس. ڊي. بصراڻي (جهونا ڳڙه)

'رچنا' - ١٢٦ (اَپريل - جون ٢٠١٠) جو انڪ مليو. انڪ ملڻ شرط پڙهڻ شروع ڪيم، پڙهي پورو ڪرڻ بعد هڪ سڪوُن محسوس ڪيم. گهڻي مدت ڪانپوءِ هيءَ انڪ، معياري درشنيءَ کان هڪ مڪمل انڪ پڙهڻ لاءِ مليو.

اوهان جو سمپادڪيه ليک 'ڪاميابي ۽ مهارت' دل کي ڇهي ٿو ته نثر ۽ نظم وڀاڳ ۾ به سيني اديبن جون رچنائون سٺيون آهن. جهوناڳڙه جي غزل ڪار هريچند دُٻي 'جگري' جو غزل شايد پهريون دفعو مون

















DVDs Produced by Indian Institute of Sindhology





Available for Sale at Sindhology - Adipur & Ahmedabad

Sahit ain Kala ji RACHNA Registered with Registrar of Newspapers for India
Registration No. GUJSIN / 2006 / 16540